سنڌ ڪيس سيريز – 5

Discussion Paper -IV

# سنڌ ۾ قبيلائي ۽ شهري دهشتگرديءَ کي ڪيئن منهن ڏجي؟

جامي چانڊيو

CPCS
Creativity | Credibility | Commitment

# سنڌ ۾ قبيلائي ۽ شهري دهشتگرديءَ
# کي ڪيئن منهن ڏجي؟

ليکڪ:
جامي چانڊيو

سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي
127 سنڌي مسلم هائوسنگ سوسائٽي، قاسم آباد، حيدرآباد
Ph: +92-22-2652401, Fax: +92-22-2652401
E-Mail: info@cpcs.org.pk
www.cpcs.org.pk

حق ۽ واسطا محفوظ

29

ڪتاب جو نالو: سنڌ ۾ قبيلائي ۽ شهري دهشتگرديءَ
ڪي ڪيئن منهن ڏجي؟
موضوع: سنڌ ڪيس
ليکڪ: جامي چانڊيو
ڪمپوزنگ اينڊ ٽائيٽل ڊزائيننگ: سليمان سميجو
سال: آڪٽوبر 2010ع
ڇپائيندڙ: سي. پي. سي. ايس
مُلهه: ٽيهه روپيا

بڪ هائوس، ڪراچي ڪيپيٽل بڪ هائوس ڪراچي- سنڌيڪا ڪتاب گهر، حيدرآباد- ڪسس هائوس، حيدرآباد- رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو - گل ڪتاب گهر، شڪارپور - جنيد ڪتاب گهر، دادو - سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر، ماروي ڪتاب گهر، ٽنڊوالهيار- مهراڻ ڪتاب گهر، ميرپورخاص - هلال ڪتاب گهر، ميرپورخاص.

All Rights are Reserved
Book Title: How to Deal Tribal & Urban Terrorism in Sindh
Subject: Discussion Paper–IV
Authored by: Jami Chandio
Year: October 2010
Published by: Center for Peace & Civil Society
House No: 127, Sindhi Muslim Cooperative Housing Society, Hyderabad,Sindh,Pakistan.

سي پي سي ايس پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.

# ارپنا

سنڌ جي قومي وحدت جي نالي،
جنهن لاءِ شهري ۽ قبيلائي دهشتگرد
مستقل خطرو بڻيل آهن.

- جامي چانڊيو

# سٽاءُ

پاڱو پهريون:


- اتر سنڌ ۾ قبيلائي دهشتگردي 6
- اتر سنڌ تي قبائليت جو ۽ ڪيئن مڙهي وئي؟ 7
- رياست جي ناڪامي، قبائلي دهشتگرديءَ جو وڌڻ ۽ لاقانونيت 8
- جيڪو ڏاڍو سو ڳابو 9
- سنڌي سماج جي تاريخي اوسر جي ابتي گنگا وهڻ 10
- اتر سنڌ جي مرٽينگ معيشت ۽ قبيلائي دهشتگردي 11
- سنڌ جي قومي سڃاڻپ ۽ قبائلي دهشتگردي 12
- قبائلي ۽ سرداري نظام جو خراب ۽ عوام دشمن آهن؟ 13
- تجويزون 14


پاڱو ٻيو


- شهري دهشتگردي: پس منظر ۽ پيش منظر 17
- ايم ڪيو ايم: ڪيئن ۽ جو وجود ۾ آئي؟ 18
- ايم ڪيو ايم هيستائين سنڌ کي ڇا ڇا ڏنو آهي؟ 19
- ايم ڪيو ايم بابت غلط تصور ۽ مفروضا 21
- ايم ڪيو ايم جو نئون ڊرامو ۽ نئين حڪمت عملي 24
- ايم ڪيو ايم ۾ سنڌين جي شموليت جو مفروضو ۽ حقيقت 26
- ايم ڪيو ايم جي جوابي حڪمت عمليءَ جا بنياد ڪهڙا ۽ ڪيئن هجن؟ 27

ڀاڱو پهريون

# اُتر سنڌ ۾ قبيلائي دهشتگردي

اُتر سنڌ ۾ قبيلائي دهشتگرديءَ جو راڪاس آدم بوءِ آدم بوءِ ڪندو عوام جي زندگيءَ، سڪون ۽ سلامتيءَ کي مڪمل طور مفلوج ۽ مرٽينگ ڪري چڪو آهي. ڪو ڏينهن خالي نہ آهي، جڏهن بي لغام قبائلي دهشتگرد ٽولا بيگناهہ ماڻهن جو خون وهائي، پنهنجي وحشي جبلت جي تسڪين نہ ڪندا هجن. اُتر سنڌ جا 9 ضلعا ڪشمور، جيڪب آباد، شڪارپور، لاڙڪاڻو قمبر-شهدادڪوٽ، دادو، گهوٽڪي، سکر ۽ خيرپور قبائلي دهشتگرديءَ جي آڙاهہ ۾ سڙي رهيا آهن ۽ اسان سڀ اِهو بربريت جو وحشي ناچ پنهنجي اکين سان ڏسي رهيا آهيون.

ميڊيا ۾ پيش ڪيل رپورٽن مطابق رڳو ويجهي ماضيءَ (جنوري- جون 2010ع) ۾ مختلف ضلعن ۾ هلندڙ قبيلائي تڪرارن ۾ ڪُل 1780 ماڻهو قتل ٿي چڪا آهن، جڏهن تہ 400 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿيا آهن. انهن رپورٽن مطابق اخبارن ۾ رپورٽ ٿيل انهن 75 تڪرارن مان 66 سيڪڙو خوني تڪرارن جو نبيرو نہ ٿيو آهي، يعني 75 مان رڳو 25 جهيڙن جا نبيرا ٿيا آهن، جڏهن تہ باقي 50 خوني جهيڙا اڃا اڻ نبريل آهن. رپورٽ مطابق اُتر سنڌ جي 9 ضلعن ۾ وڌ کان وڌ قتل شڪارپور ضلعي ۾ ٿيا ۽ خبرن موجب شڪارپور ۾ 12 تڪرارن ۾ 586 ماڻهو قتل ٿي چڪا آهن، ۽ هن ضلعي ۾ 12 تڪرارن مان رڳو 4 تڪرارن جو نبيرو ٿيو آهي، جڏهن تہ 8 جهيڙن جو ناهہ نہ ٿيو آهي. شڪارپور ڪانپوءِ قتلن جي حساب سان ڪشمور ضلعو ٻئي نمبر تي آهي، جنهن ۾ هلندڙ تڪرارن ۾ 535 بيگناهہ انسان قبيلائي دهشتگرديءَ جو بَکُ بڻجي چڪا آهن ۽ هن ضلعي ۾ بہ 12 تڪرارن مان اڃا 10 جهيڙن جو نبيرو نہ ٿيو آهي. جيڪب آباد ۾ پڻ ويجهي عرصي ۾ مختلف برادرين ۾ 4 تڪرار ٿيا آهن ۽ خبرن موجب انهن ۾ 67 بيگناهہ انسان مارجي چڪا آهن. هن ضلعي ۾ بہ اڃا تائين 4 مان 3 تڪرار اڻ نبريل آهن.

پهرين ڳالهه تہ منهنجيءَ نظر ۾ هي قبيلائي جهيڙا نہ پر سِڌي سَنئين قبائلي دهشتگردي آهي، جيڪا اُتر جي سنڌي عوام تي لاقانونيت ۽ رياست جي پاليل قبائلي نظام طرفان مڙهي وئي آهي، ان ڪري انهن خوني ڪاروائين کي دهشتگردي ايڪٽ تحت خصوصي عدالتن ذريعي مُنهن ڏنو وڃي. ٻي ڳالهه تہ اُتر سنڌ ۾ هلندڙ هن قبائلي دهشتگرديءَ کي سنڌ جي باقي بحرانن، مصيبتن ۽ مسئلن کان ڌار ڪري نہ ڏسڻ گهرجي. اُتر سنڌ ۾ قبيلائي دهشتگردي پڻ سنڌ جي ان مجموعي صورتحال جو هڪ پاسو ۽ عڪس آهي، جنهن ۾ ڪراچيءَ کي شهري نسلي دهشتگردن ۽ ٻين مافيائن جي حوالي ڪيو ويو آهي. ٻئي پاسي سنڌ ۾ تعليم ۽ خاص طور تي پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم مڪمل طور تباهہ ۽ برباد ڪئي وئي آهي ۽ موجوده چونڊيل سياسي حڪومت بہ ان جي سڌاري لاءِ ڪابہ گهربل سنجيده ڪوشش نہ ورتي آهي. سنڌ ۾ عوام جي صحت جي ابتري ۽ ماحولياتي تباهيءَ اڳوٽا سڀ رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن. صحت جي عالمي ادارن جي رپورٽ موجب سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي علائقن ۾ 25 سيڪڙو کان وڌيڪ آباديءَ کي هيپاٽائٽس بي ۽ سيءَ جهڙا موضي مرض لڳل آهن. يعني ان جو عملي طور مطلب اِهو ٿيو تہ ٻهراڙين جي 25 سيڪڙو کان وڌيڪ آبادي خاموشيءَ سان موت جي اوسيئڙي ۾ آهي. سنڌ ۽ سنڌي عوامَ جي معاشي صورتحال ڪنهن تباهيءَ کان گهٽ نہ آهي. پنجاب طرفان سنڌ جي پاڻيءَ تي مسلسل ۽ نہ کُٽندڙ ڌاڙن جي نتيجي ۾ پاڻيءَ جي پيدا ٿيل سنگين بحران زرعي معيشيت کي مڪمل طور جهوري ۽ مرٽينگ ڪري ڇڏيو آهي ۽ جديد شهري معيشيت ۾ اسان جو حصو اَٽي ۾ لُوڻَ برابر آهي. سنڌ ۾ سماجي ڀڃ ڊاهَ ۽ پُرتشدد انارڪيءَ جي شڪل هاڻي جڻ تہ گهرُو ويڙهہ جي شڪل اختيار ڪري چڪي آهي ۽ اُتر سنڌ ۾ ٿيندڙ قبائلي دهشتگردي ان سماجي ڀڃَ ڊاهَ ۽ گهرُو ويڙهہ جو ئي هڪ ٻُڇڙو ۽ وحشي عڪس آهي. ان ڪري سنڌ جي اُترين 9 ضلعن ۾ هلندڙ ۽ وڌندڙ قبائلي دهشتگرديءَ کي ڌار ڪري ڏسڻ بجاءِ سنڌ جي مجموعي قومي صورتحال جي پس منظر ۾ ڏسڻ گهرجي. تڏهن ئي ان کي حقيقي طور سمجهي بہ سگهبو ۽ ان لاءِ ڪا مضبوط رٿابندي ۽ حڪمت عملي بہ اختيار ڪري سگهبي. اچو تہ ان ڳنڀير مسئلي جي پس منظر ۽ پيش منظر توڙي ان جي محرڪن ۽ سدباب تي هڪ گهَڻَ-طرفِي نظر وجهون.

## سنڌ تي قبائليت ڇو ۽ ڪيئن مڙهي وئي؟

تاريخي طور سنڌ ۾ قبائلي ۽ سرداري نظام ڪڏهن بہ مضبوط ۽ سگهارو نہ رهيو آهي. اهو سماجي نظام بلوچستان جي بلوچ سماج ۾ موجود رهيو آهي، جنهن جا اثر اُتر سنڌ جي ڪجهہ سنڌي- بلوچ ذاتين تي پڻ رهيا آهن، پر سماجي نظام جي اِها روايت سنڌ ۾ ڪڏهن بہ سگهاري نہ رهي آهي. ضياءُ الحق سنڌ ۽ سنڌين جو بدترين ويري هو ۽ هن 1983ع جي ايم آر ڊي تحريڪ ۾ سنڌين جي سياسي مزاحمت کي ڏسي، جنهن وسيع تر حِڪمت عمليءَ تحت سنڌ ۽ سنڌين سان دشمنيءَ جو هڪ آڙاهہ ٻاريو شهرن ۾ نسلي دهشتگرد، ٻهراڙين ۾ وحشي قبائليت، سرداري نظام، ڏوهاري ڪلچر ۽ سماجي ڀڃَ ڊاهَ اُن جا ئي روپ آهن. اسٽيبلشمينٽ اهو سمجهي ورتو هو تہ جيڪڏهن سنڌي عوام جي وڌندڙ سياسي، قومي ۽ مزاحمتي شعور آڏو شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ مضبوط بندَ نہ ٻَڌا ويا تہ اِهو شعور اڳين مرحلي ۾ تنظيمي شڪل اختيار ڪري، هڪ

اهڙي سياسي قوت ۾ تبديل ٿيندو، جيڪا سنڌ ۾ هن رياست جي سمورين سازشن ۽ ناجائز مفادن جي ٽنگيءَ جي ٺاهہَ کي لوڙهي ڇڏيندي. ڇاڪاڻ تہ شعور ۽ تحريڪ کان پوءِ اڳيون فطري مرحلو سنڌ جي سياسي شعور جي تنظيمي شڪل ۾ سامهون اچي ها، جنهن کان رياستي سگهہ جي نمائنده اسٽيبلشمينٽ مڪمل طور ڊڄي وئي هئي. ان سازشي رٿابنديءَ کي سنڌين جي هڪ ٻئي وڏي دشمن آمر پرويز مشرف پنهنجي اَوج ۽ عُروج تي پهچايو. ضياءُ الحق ان جا بنياد وڌا ۽ پرويز مشرف سنڌ جي شهرن ۾ نسلي ۽ ٻهراڙين ۾ قبائلي دهشتگرديءَ کي رياستي سرپرستيءَ سان سنڌي عوام خلاف هڪ وڏي منظم قوت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. سنڌ جا شهر مڪمل طور لساني دهشتگردن حوالي ڪيا ويا تہ سنڌ جون ٻهراڙيون اڳ ئي موجود ۽ نون ٺاهيل فارمي قبائلي نوابن ۽ سردارن کي سياسي جاگيرن طور ورهائي ڏنيون ويون. سنڌ جا نام نهاد قبائلي سردار ۽ نواب پنهنجيءَ پر ۾ خوش آهن تہ انهن کي رياست ايئن ئي سگهارو ڪيو آهي- حقيقت اِها آهي تہ سنڌ ۾ قبيلائي سوچ، قبيلائي دهشتگردي توڙي نام نهاد نوابن ۽ سردارن کي ان ڪري سگهارو ڪيو ويو آهي تہ جيئن سنڌي عوام جو اُسريل سياسي شعور ڪا سگهاري ۽ منظم شڪل اختيار نہ ڪري سگهي. سنڌي عوام کي ياد رکڻ گهرجي تہ قبائليت، ذات پرستي، قبيلائي سماجي گروهہ بندي، قبائلي خوني تڪرار سنڌين جي قومي سگهہ آڏو رياست جا ٻڌل بندَ آهن، جنهن کي موٽ ۾ سنڌي عوام جي سياسي شعور، گڏيل جدوجهد، ٻڌيءَ ۽ قومي سوچ سان هر صورت ۾ ۽ هر سطح تي ٽوڙڻو آهي. سنڌ ۾ قبائلي، گروهي ۽ ذات پرستيءَ جي سوچ هوندي ۽ سنڌ جو عوام ذاتين ۽ قبيلن جي صورت ۾ رياست جي پاليل ۽ تاتيل سردارن، نوابن ۽ وڏيرن جي حوالي ۽ انهن جي رحم ۽ ڪرم تي هوندو تہ پوءِ سنڌ ڪڏهن بہ هڪ قوم طور نہ رڳو سگهاري ٿي نہ سگهندي، پر پنهنجي اندروني ۽ بيروني دشمنن ۽ مخالف قوتن جو ڀرپور مقابلو نہ ڪري سگهندي. ان ئي سبب ۽ محرڪ ۽ مقصد طور سنڌ ۾ قبائليت، سرداري نظام ۽ سماجي گروهہ بنديءَ جي زهر کي سنڌي عوام جي نفسياتي، ثقافتي ۽ سماجي رڳن ۾ لاٿو ويو آهي.

### رياست جي ناڪامي، قبائلي دهشتگرديءَ جو وڌڻ ۽ لاقانونيت:

سنڌ جي اُترين علائقن ۾ قبائلي دهشتگرديءَ جي وڌڻ جو ٻيو اهم سبب بدترين لاقانونيت ۽ پوليس نظام ۾ ڪرپشن آهي. جڏهن دهشتگردن ۽ قاتلن کي خبر يا پڪ آهي تہ لاقانونيت ۽ ڪرپشن تي ٻڌل هيءَ پوليس ۽ عدالتي نظام کين ڪجهہ بہ نہ ٿو ڪري سگهي تہ پوءِ ڇو نہ سندن حوصلا بلند ٿيندا؟ جڏهن هر شيءِ جو تعين ۽ نبيرو ناجائز طاقت ۽ پئسو ڪندو تہ پوءِ معاشري جو اهڙو حال ڇو نہ ٿيندو، جنهن جو وحشي عڪس اسان روز اخبارن جي صفحن ۽ ٽي وي اسڪرين تي پڙهون ۽ ڏسون ٿا. اُتر سنڌ ۾ قبائلي دهشتگرديءَ ۽ لاقانونيت جو پاڻ ۾ وڏو گهرو تعلق آهي ۽ انهن جو وجود هڪٻئي سان مشروط آهي. جيڪي برادرين جا چڱا مڙس اڳي صوبيدار کان ڊڄندا هئا، اُهي هاڻي ضلعن ۽ تعلقن ۾ اعليٰ پوليس آفيسر پنهنجيءَ مرضيءَ سان رکرائن ٿا. هيٺين سطح تي رياست جي سموري مشينري سندن هَٿَ وَسَ آهي ۽ ڄڻ تہ اهو رياست سان انهن جو اڻ لکيل معاهدو ٿيل آهي تہ هو عوام جي سياسي سگهہ کي يرغمال ڪري منجهائن ڪا وڏي مزاحمت ۽ قوت اُڀرڻ نہ ڏيندا ۽ موٽ ۾ رياست کين پنهنجن دادلن ٻارن وانگر پاليندي ۽ تاتيندي. ماڻهو اڪثر سوچيندا آهن تہ آخر بلوچستان جا باغي سردار رياست لاءِ نفرت جوڳا ڇو بڻيل آهن

۽ سنڌ جا نواب، جاگيردار ۽ سردار رياست ڪي ايتروپيارا ڇو آهن؟ جواب تمام سادو آهي ته سنڌ جي نام نهاد سردارن، نوابن ۽ جاگيردارن مان هڪ به نواب اڪبر بگٽي، سردار عطاءُ الله مينگل ۽ نواب خير بخش مري ناهي، جن پنهنجي وطن ۽ قوم خاطر پنهنجا ۽ پنهنجن ٻچن جا سِر ڪُهايا هجن. سنڌ جا هي ”فارمي“ نواب، سردار ۽ جاگيردار رياست پنهنجي اسٽريٽجڪ مفادن خاطر پيدا ڪيا، پاليا ۽ تاتيا آهن. ڇاڪاڻ ته اُهي سنڌي عوام جي فطري ۽ تاريخي اوسر ۽ تبديليءَ جي پيرن ۾ پيل وَنگ ۽ ڏانوڻ آهن. پاڪستان جي رياست جي ناڪامي ان کان وڌيڪ ٻيو ڇا هوندي ته اها ڇهه ڏهاڪا گذرڻ ڪانپوءِ به عوام جي سگهه بجاءِ سردارن، نوابن، چوڌرين، دهشتگردن، جاگيردارن، سرمائيدارن، فوج ۽ بيورو ڪريسيءَ جي سهاري تي هلي رهي آهي. هيءَ 21هين صدي آهي، جنهن ۾ رياستون عوام دشمنيءَ جي بنياد تي ڊگهو عرصو هلي نه سگهنديون. ان ڪري ملڪ ۾ هي جيڪي به وحشتون ۽ بحرانون آهن، اُهي رياست جي ناڪاميءَ جون ئي صورتون آهن.

رياستي ادارا سڄي ملڪ ۾ پر خاص طور تي سنڌ ۾ مڪمل طور پنهنجو وجود وڃائي چڪا آهن. رياست مجموعي طور عوام لاءِ نه پر ان جي دشمن قوتن جي هٿيار ۾ تبديل ٿي چڪي آهي. جڏهن رياستون ايئن ناڪام ٿيڻ لڳنديون آهن ته پوءِ معاشرا بدترين ۽ وحشي انارڪيءَ ڏانهن وڌندا آهن. جنهن ۾ سماج ذاتين، قبيلن ۽ ٻين گروهه بندين جو شڪار ٿيندو آهي. نتيجي ۾ هر گروهه ۽ ٽولو چاهيندو آهي ته اهو ٻين مٿان حاوي هجي ۽ ظاهر آهي ته لاقانونيت جي صورت ۾ اها هِڪَ هَٽي دهشتگرديءَ کان سواءِ قائم ٿي نه سگهندي آهي. اُتر سنڌ اڄ اهڙيءَ صورتحال جو خوني منظرنامو پيش ڪري رهي آهي، جنهن ۾ چند قبيلائي دهشتگرد ٽولن سموري عوام کي يرغمال ڪري ڪائنن سُکَ سان جيئڻ جو حق کسي ورتو آهي.

## جيڪو ڏاڍو سو گابو:

رياست جي ناڪاميءَ ۽ سنڌي سماج جي اڳوڻي سماجي ڍانچي جي تيزيءَ سان ڀڃَ ڊاهَ سبب سنڌي سماج عدم سلامتيءَ جي احساس وچان هڪ عجيب صورتحال جو شڪار ٿي رهيو آهي، جنهن ۾ هر گروهه هر قيمت تي پاڻ کي طاقتور ثابت ڪرڻ جي ڊوڙ ۾ آهي. جي اُها سگهه پورهيي، صحتمند چٽاڀيٽيءَ ۽ پُرامن ماحول ۾ فطري اوسر ذريعي سامهون اچي ها ته اها سنڌي سماج کي چالَ ڏئي اڳتي وٺي وڃي ها ۽ سنڌي عوام جي قومي ۽ سماجي تبديليءَ جو عمل ترقيءَ ڏانهن مائل هجي ها، پر جيئن ته طاقت جي محرڪن (Power Dynamics) جو هيءُ عمل هر قيمت تي ۽ هر صورت ۾ ٻين کي هيٺو ۽ هيٺ ڪري پاڻ کي سگهارو ڪرڻ جي بنياد تي هلي رهيو آهي، ان ڪري سنڌي سماج ماضيءَ جي ان دور جي عڪاسي ڪري رهيو آهي جڏهن ”جيڪو ڏاڍو سو گابو“ جو اُصول رائج هو. هاڻي سنڌ ۾ هر ماڻهو ٻئي کان، هر ذات ٻيءَ ذات کان، هر گروهه ٻئي مخالف گروهه کان ۽ هر قبيلو ٻئي قبيلي کان ۽ هر نام نهاد سردار ۽ نواب ٻئي فارمي سردار ۽ نواب کان وڌيڪ طاقت ثابت ڪرڻ جي ڊوڙ ۾ سنڌي سماج ۽ عوام جي مجموعي قومي ٻڌي ۽ سگهه کي لتاڙي رهيو آهي. طاقت جي هيءَ وحشي ڊوڙ سنڌي قوم جي گڏيل سماجي، سياسي، ثقافتي، ذهني، روحاني، احساساتي، معاشي ۽ قومي سگهه جا بکيا اُڊيڙي رهي آهي. نتيجي ۾ سنڌي عوام جي جيڪا گڏيل قومي سگهه ان جي قومي مقصد، وحدت، آجپي، اوسر ۽ آزاديءَ لاءِ استعمال ٿيڻي هئي، اُها پنهنجون قومي

پاڙون ڪوٽڻ ۽ پنهنجي قومي سگهه جا ٽنيا ۽ ٽوٽيون ڪيرائڻ ۾ استعمال ٿي رهي آهي. اجوڪي جديد دور ۾ طاقت، آجپي ۽ ترقيءَ توڙي سلامتيءَ جا هٿيار قابليت، تعليم، شعور، پڙهي، سائنس، ٽيڪنالاجي، سياسي سگهه، مهذب رويا ۽ محنتي قدر آهن. پر هن ناڪام رياست جي ورهايل سماج ۾ ماڻهو پنهنجي سلامتي بارود ڀريل هٿيارن، نفرت، گروهه بندي، طاقت جي استعمال، جنونيت، قتل و غارت ۽ ناجائز طاقت جي بي دريغ استعمال ڪرڻ ۾ ڳولي رهيا آهن.

ان سموريءَ صورتحال جي ڪري سنڌ ۾ جيڪي خطرناڪ ۽ اڻ وڻندڙ نتيجا سامهون آيا آهن، انهن تي هڪ نظر وجهڻ ضروري آهي ته جيئن ان جي مرحليوار سدباب تي سوچي ڪا عملي واٽ ڪڍي سگهجي.

## سنڌي سماج جي تاريخي اوسر جي اُبتي گنگا وهڻ:

سنڌي سماج مجموعي طور نسلي حوالي سان آباديءَ جي ٽن حصن تي مشتمل آهي، يعني هڪ حصو دراوڙ ذاتين تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ڪولهي، ڀيل، اوڏ، باگڙي ۽ ٻيون لاڏائو ذاتيون اچي وڃن ٿيون، جن کي وقت هٽي هيٺو ڪري، سماجي طور پست حال طبقن تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جي دراوڙ ذاتين جو سماج پسمانده ۽ پوئتي رهجي ويل ضرور آهي، پر اُهو مجموعي طور وحشي، انسان دشمن، رجعت پسند ۽ قبيلائي يا گروهي طاقت ۽ طبقاتي نظام تي ٻڌل ناهي، پر هاڻي اخبارن ۾ خبرون اينديون رهن ٿيون ته انهن ذاتين جا ماڻهو به ڪارو ڪاريءَ تحت خون ڪن ٿا ۽ انهن ۾ پڻ اهي وحشي ۽ جنوني لاڙا تيزيءَ سان وڌي رهيا آهن. سنڌي سماج جو ٻيو حصو سماٽ ذاتين تي ٻڌل آهي، جيڪي پنهنجيءَ سماجي سرشت ۾ صدين کان لبرل، روشن خيال ۽ پُرامن رهيا آهن. ان جو هڪ تاريخي مثال سَمي ڄامَ تماچيءَ جو وٺي سگهجي ٿو جيڪو محبت ۾ هڪ مُهاڻيءَ کان نوازجڻ لاءِ آتو هو ۽ لطيف سائينءَ ڪاموڏ ۾ چيو ته:

"نوريءَ جي نوازيو، ٿيو تماچي ٽيءَ"

سنڌ جي سماٽ برادرين جو سماجي ڍانچو زرعي سماج سان ته وابسته هو پر اهو جاگيرداري ۽ قبيلائي ۽ سرداريءَ جهڙن ڪوڙهيل، متروڪ ۽ عوام دشمن سماجي روين ۽ نظام کان آجو هڪ سڌريل ۽ اڳتي وڌيل سماج هو پر بدقسمتيءَ سان هاڻي سنڌ جي سماٽ برادرين ۾ به قبيلائي سوچ ۽ سرداري نظام جا ڪوڙهيل لاڙا وڌي رهيا آهن. هاڻي ابڙن، ٻرڙن، سمن، سومرن، سولنگين، ڀيين، پنهورن، عباسين، پُنن ۽ اهڙين ٻين سماٽ ذاتين ۾ به اهي لاڙا وڌي رهيا آهن ۽ هر ذات منجهان خود ساخته نام نهاد سردار اُڀري پنهنجي عوام کي قبيلائي سوچ جي ڌُٻڻ ڏانهن ڌِڪي رهيا آهن. اهو زهر هاڻي سنڌ جي سماٽ ذاتين جي سماجي ۽ نفسياتي رڳن ۾ پڻ داخل ٿي رهيو آهي.

ٽئين طرف سنڌ جون سنڌي-بلوچ ذاتيون آهن، جن جو وڏو حصو اُتر سنڌ ۾ رهي ٿو. تاريخي طور انهن ذاتين ۾ به سرداري ۽ قبيلائي نظام مضبوط نه هو پر بلوچستان جي اثر سبب جيڪو محدود رجحان انهن ذاتين ۾ جيڪڏهن اڳ موجود به هو ته وقت سان ان کي تبديل ٿي، سنڌي سماج جي سماجي طور اُسريل حصن سان شامل ٿي، سنڌ جي قومي وحدت جي عمل کي تيز ڪرڻو هو- پر رياستي حڪمت عملين ۽ سازشن سبب تاريخ جي گنگا اُبتو وهي رهي آهي. بجاءِ جو سنڌين جون بلوچ پس منظر واريون ذاتيون مرحليوار تبديل ٿي، وڌيڪ روشن خيال ۽ سڌريل شڪل اختيار ڪن ها، پر هاڻي ته ماڳهين اُهي بدترين

قبائلي شڪل اختيار ڪري، سنڌ جي سماٽ ۽ دراوڙ ذاتين جي تاريخي اوسر کي پڻ اُبتي پير هلائي رهيون آهن. ڪوبہ سماج سياسي ۽ معاشي توڙي ثقافتي طور تڏهن اُسرندو، تبديل ٿيندو ۽ اڳتي وڌندو آهي، جڏهن ان جون سماجي شڪليون ۽ ڍانچا ۽ رشتا تبديل ٿيندا آهن. ڪنهن بہ سماج جي معيشيت، سياست ۽ ڪلچر ان جي سماجي رشتن، ڍانچن، قدرن ۽ ادارن جو ئي اولڙو ۽ عڪس هوندو آهي. هاڻي اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ هڪ سماج تاريخي طور اڳتي وڌڻ بجاءِ تاريخ جي متروڪ، مُدي خارج، پسمانده ۽ ڪوڙهيل نظامن جي ڏبڻ ڏانهن ڌڪيو وڃي ۽ پوءِ ان جي معيشيت، سياست ۽ نفسيات روشن خيال، جديد ۽ ترقي پسند هجي؟ ان ڪري دنيا ۾ سماجي تبديليءَ کي سياسي، معاشي ۽ ثقافتي تبديليءَ جو بنياد سمجهيو ويندو آهي. 21هين صديءَ ۾ سنڌي عوام قبائليت، سرداري نظام ۽ جاگيردار نفسيات ۽ بدترين سماجي گروهہ بنديءَ جي هوندي پنهنجي ترقي ۽ اوسر لاءِ ڪهڙي جاءِ پيدا ڪري سگهندو؟ ان ڪري سمجهڻ گهرجي تہ سنڌي سماج جي اوسر جو هيءُ زوال ۽ مُدي خارج قدرن، سوچ، روين، نفسيات ۽ نظامن ڏانهن موٽَ ڪو تاريخي ۽ فطري لقاءُ ناهي، ان کي رياستي سطح تي مڪمل طور مينيج ڪيو ويو آهي، جنهن جي اسان کي هر سطح تي منظم مزاحمت ڪرڻي پوندي.

### مرڻينگ معيشت ۽ قبيلائي دهشتگردي:

بدقسمتيءَ سان ورهاڱي کانپوءِ سنڌ جا وڏا شهر هٿ وٺي سنڌين کان کسيا ويا ۽ انهن جي معيشت ۽ شهري زندگيءَ جو سمورو وهنوار ڌارين حوالي ڪيو ويو پر ان باوجود سنڌين جو مستقبل ان ڪري اونداهو نہ هو جو سنڌي ڪروڙن جي انگ ۾ هئا (۽ آهن). سنڌي سماج جي فطري اوسر جي نتيجي ۾ سنڌين کي مرحليوار هڪ ڀيرو وري پنهنجن شهرن جي مالڪي ڪرڻي هئي. ڇاڪاڻ تہ تاريخي طور سنڌين منجهان شهري مڊل ڪلاس اُسري لازمي طور ڀهرين ننڍن ۽ پوءِ وڏن شهرن ۾ آباد ٿيڻو هو ۽ سنڌي مڊل ڪلاس جي اها اوسر سنڌين جي پنهنجن شهرن جي وارثي ۽ مالڪيءَ کي يقيني بڻائي ها. پر رياستي سازشن ۽ حڪمت عملين ان صورتحال کي پنهنجيءَ اُبتڙ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. يعني شهر دهشتگرد مافيائن جي حوالي ڪيا و يا آهن، جتي سنڌي ماڻهوءَ کي اڃا تائين معاشي ۽ سماجي طور زمين تي پير کوڙڻ جي گهربل جاءِ نہ پئي ملي ۽ ٻئي طرف ڀراڙين ۽ ننڍن شهرن ۾ لاقانونيت، وڏندڙ قبائليت، ذات پرستي، سرداري نظام ۽ قبائلي دهشتگرديءَ سنڌي سماج جي فطري اوسر تي جڙ تہ بندَ ٻڌي ڇڏيا آهن ۽ سنڌ جو باشعور مڊل ڪلاس هن سڄي وحشت ۾ پنهنجي لاءِ گهربل جاءِ (Space) نہ ڏسي، نفسياتي طور ويڳاڻپ جو شڪار ٿي رهيو آهي. جيڪا سگهہ سنڌ جي آئيندي جي اُميد جي صورت ۾ اُڀرڻي هئي، اُها بدترين مايوسيءَ ۾ تبديل ٿي رهي آهي. الميو اهو آهي تہ حيدرآباد ۾ اهو طبقو پناهہ وٺڻ لاءِ ڀڄتو تہ اُتي بہ اسان جا پٽہ گير ۽ ڏوهاري قومپرست گروهہ سندس اوسر جا ڏگ روڪيو بيٺا آهن. قاسم آباد ان جو هڪ وڏو مثال آهي، جتي ڪو مڊل ڪلاس جو ماڻهو سک، امن ۽ سلامتيءَ سان پنهنجو جائز ڪاروبار نٿو ڪري سگهي ۽ پٽہ گير ٽولا انهن لاءِ مستقل خطرو بڻيل آهن.

هڪڙي ڳالهہ طيءِ آهي تہ اڄوڪي دور ۾ سنڌ تہ ڇا پر دنيا جي ڪابہ قوم ۽ ملڪ رڳو زرعي معيشت جي بنياد تي اڳتي وڌي نہ ٿو سگهي. سنڌ ۾ پاڻيءَ جي بحران تہ ويتر ان جا امڪان گهٽائي ڇڏيا آهن. هاڻي صورتحال اها آهي تہ لوئر سنڌ پاڻيءَ جي کوٽ جي ڪري معاشي طور تباهہ آهي تہ اپر سنڌ لاقانونيت،

قبائلي دهشتگرديءَ جي ڪري برباد آهي. ان صورتحال ۾ آخر اسان جي قومي معاشي سگهه جو حشر ڇا ٿيندو ۽ معاشي طور ڪمزور ۽ مرٽينگ معاشرو ۽ قوم ڪنهن سان مقابلو ڪري سگهندي؟ سنڌي عوام جو قومي مقابلو جن مضبوط ڌرين سان آهي، اهي رڳو سياسي طور ئي نه پر معاشي طور به نهايت اڳتي آهن. سنڌن تعليم، ادارن جي تاجي پيٽي، مضبوط مڊل ڪلاس، دنيا سان سنڌن رابطي ۽ شهري معيشيت سبب انهن جي سماجي ۽ سياسي سگهه پڻ تمام گهٽي منظم ۽ اُسريل آهي. جڏهن ته ذات پرستي، قبائليت، قبائلي دهشتگردي، سماجي گروهه بندي، سرداري نظام، جاگيرداري نفسيات، تعليم جي تباهي، زرعي معيشيت جي زوال، ادارن جي اڻ هوند ۽ امن امان جي غير موجودگي سنڌي عوام ۽ خاص طور اُسرندڙ مڊل ڪلاس جي معاشي ۽ سماجي پيرن هيٺان جڻ ته زمين ڪسڪائي ڇڏي آهي. هاڻي اهو نڌڪو هيسيل، عدم سلامتيءَ جو شڪار، ڪمزور ۽ هوا ۾ لٽڪيل عوام ۽ مڊل ڪلاس اجوڪي هن سخت چٽاپيٽيءَ جي دور ۾ پنهنجي مخالف ۽ مقابلي وارين ڌرين ۽ قوتن سان ڪهڙو معاشي، سماجي ۽ سياسي مقابلو ڪري سگهندو؟

سنڌ ۽ خاص طور اُتر سنڌ ۾ صنعتي ترقي يا ٻاهرين سيڙپڪاريءَ جو ته في الحال امڪان ئي ڪونهي ۽ سوال آهي ته هن خوني راند ۽ بربريت جي ماحول ۾ ڪير آهي، جيڪو اچي هتي سيڙپڪاري ڪندو؟

## سنڌين جي قومي سڃاڻپ ۽ قبائلي دهشتگردي:

انگريزيءَ ۾ چوندا آهن ته:

"Perception is bigger than reality"

يعني ٻين لفظن ۾ تاثر حقيقت کان وڌيڪ سگهارو ٿيندو آهي. سنڌي سماج پنهنجي امن پسنديءَ ۽ روشن خياليءَ واري تاريخي سڃاڻپ تيزيءَ سان وڃائي رهيو آهي. حقيقت ڀل ته ان جي اُبتڙ هجي، پر سنڌي سماج جو مجموعي طور جيڪو خاڪو اُڀري رهيو آهي، ان ۾ نااهلي، غير ذميواري، انتشار، انارڪي، اڻ سهپ، بي عملي ۽ هاڻي سماجي وحشت، ڪارو ڪاري، قبائلي دهشتگردي ان جا خاص عڪس آهن. يعني مجموعي طور ان سموري صورتحال سنڌي سماج جي تاريخي پُرامن، روشن خيال سڃاڻپ جو چهرو مسخ ڪري ڇڏيو آهي. اسان حقيقت ۾ ۽ پنهنجي جوهر ۾ ڇا به هجون، پر ان کان وڌيڪ اهم ڳالهه اها آهي ته اسان کي ٻطور قوم جي ڪيئن ۽ ڇا سمجهيو وڃي ٿو؟ يا اسان جي ڪهڙي تصوير دنيا آڏو سامهون اچي ٿي؟ سنڌي سماج جي جيڪا تصوير روز اخبارن ۾ ۽ ٽي ويءَ جي اسڪرين تي پيش ٿئي ٿي، جنهن ۾ ڪارو ڪاريءَ سان گڏوگڏ زمين، چوري، پيار جي پرڻي، ڪارنهن، فصل جي ڀيل، پاسي لڳڻ، وڻ جي ٽاري لاهڻ، ڳاهه جي پريءَ، پاڻيءَ جي واري جهڙن معمولي معاملن تان ويهه ويهه خون ٿين ٿا- ان سان ظاهر آهي ته اسان جو هڪ نفسياتي پڄ ڍاهه جي شڪار، وحشي سماج جو تاثر اُڀري رهيو آهي. نتيجي ۾ سماج ۾ جيڪي به مثبت ۽ صحتمند سرگرميون ٿين ٿيون، اُهي سامهون ئي نه ٿيون اچن. هاڻي ان صورتحال ۾ اسان سان قومي طور ڪير گڏ بيهندو ۽ اسان جي واهر يا همدردي ڪندو؟ نتيجي ۾ سنڌي قوم ڏينهون ڏينهن ملڪي ۽ علائقائي طور اڪيلائيءَ جو شڪار ٿي وڌيڪ ڳُنڌائجي ٿي رهي آهي. اجوڪي دؤر ۾ سفارتي حوالي سان دنيا جون همدرديون ۽ اخلاقي سهڪار وٺڻ لاءِ ڪجهه ماڻ، ماپا ۽ معيار جڙيل آهن ۽ سنڌي سماج جو

موجوده تاثر ۽ خاڪوان ۾ ڪنهن طور به فٽ نه ٿو ٿئي. قبيلائي دهشتگرديءَ ويتر ان صورتحال کي سنگين ڪري ڇڏيو آهي. سماجي طور گهرو ويڙهه جهڙي سماج جي باهه ۾ ٻيو ڪير پوندو؟

### قبائلي ۽ سرداري نظام ڇو خراب ۽ عوام دشمن آهن؟

انساني سماج تاريخ جي مختلف دؤرن ۾ ۽ پنهنجيءَ اوسر جي مختلف مرحلن ۾ انيڪ سماجي، سياسي ۽ معاشي نظام ڏٺا آهن ۽ انهن مان هر نظام پاڻ کان اڳ واري نظام جي پيٽ ۾ نسبتاً اڳتي وڌيل ۽ ترقي پسند هو پر مسئلو تڏهن ٿو ٿئي جڏهن متروڪ ۽ مُدي خارج نظامن جون باقيات ۽ نمائنده قوتون، انهن کي اڳتي وڌيل دؤرن ۾ غير فطري طور نئين سِر نه رڳو جيارڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون، پر انهن کي عوام تي مڙهڻ جي ڪوشش پڻ ڪن ٿيون. قبائلي، سرداري يا جاگيرداري نظام مجموعي طور انساني تاريخ جو متروڪ، مُدي خارج نظام آهي، جنهن کي 21هين صديءَ ۾ به جيارڻ يا مڙهڻ تاريخ جي ڦيٿي کي پوئتي ورائڻ جي مترادف آهي. جيئن ڪي جنوني ۽ ڪوتاهه نظر مذهبي قوتون اسلام جي نالي ۾ Revivalist تحريڪ شروع ڪري ڏيڍ هزار ورهيه اڳ جو سماجي، سياسي ۽ معاشي نظام 21هين صديءَ ۾ پنهنجي عوام تي لاڳو ڪرڻ گهرن ٿيون، تيئن رياست جي مدد سان اسان جي سماج ۾ موجود فارمي وڏيرا، سردار جاگيردار ۽ قبيلائي چڱا مڙس قبائلي ۽ سرداري نظام کي جيارڻ، مضبوط ڪرڻ ۽ لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن.

منهنجيءَ نظر ۾ هيٺين سببن جي ڪري اهو نظام عوام دشمن، متروڪ ۽ مُدي خارج آهي:

- اهو نظام فرد جي آزاديءَ کان انحرافيءَ ۽ بنيادي انساني حقن سان ٽڪراءَ ۾ آهي.
- اهو هڪ عورت دشمن نظام آهي، جنهن ۾ عورت جي حيثيت هڪ جنس ۽ مرد جي ملڪيت کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي.
- اهو نظام هڪ فرد کي غير جمهوري طور بي جا اختيار ڏئي عوام/ راڄ کي سندس غلام بڻائي ٿو.
- اهو نظام جديد دؤر جي شهريت جي قانون ۽ رياست جي اُصول جي عملي طور ڀڃڪڙي ڪري ٿو.
- ان نظام ۾ ڌوهارين، قاتلن ۽ دهشتگردن جو بچاءُ ٿئي ٿو.
- ان نظام ۾ فرد کي اظهار ۽ عمل جي گهربل آزادي ميسر ناهي.
- اهو نظام سماجي تبديليءَ جي راهه ۽ سياسي سماج جي اڏاوت ۾ بنيادي رڪاوٽ ۽ ان جو ازلي دشمن آهي.
- اهو نظام انسانذات جي وسيع تر گڏيل سماجي، ثقافتي، سياسي، معاشي ۽ انساني مفادن جي نفي ڪري گروهي مفادن کي هٿي ڏئي ٿو.
- اهو نظام غير برابريءَ تي ٻڌل ڦورو طبقاتي نظام جو بچاءُ ڪندڙ آهي.
- سڀ کان وڏي ڳالهه ته اهو نظام ترقي پسند ناهي، جيڪو عوام ۽ سماج جي ترقيءَ ۽ حالت توڙي مستقبل جي گهرجن سان مناسبت ۾ هجي.

هاڻي سوال اهو آهي ته سنڌي ماڻهو جيڪو اڳ ئي پاڪستان جي رياست ۾ انيڪ ٻاهرين قوتن ۽ دٻائن جو شڪار آهي، جيڪڏهن وڏيراشاهيءَ، جاگيرداري نفسيات، قبيلائي سوچ ۽ ذات پرستيءَ جي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل

هوندو ته آخر اهو هيترن سارن ڏٻائن ۽ گهيرن کي منهن ڏئي آخر ڪيئن 21هين صديءَ جي تيز رفتار عالمي سماج ۾ پنهنجي لاءِ ڪا جاءِ پيدا ڪري سگهندو؟

**تجويزون:**

(1) اُتر سنڌ ۾ وڌندڙ قبيلائي دهشتگرديءَ جو ذميوار بنيادي طور رياست ۽ ان جي انتظاميه ۽ عدالتي ادارن کي سمجهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته اهو رياست جو اولين فرض آهي ته اُها عوام جي جان، مال، عزت ۽ روزگار ۽ ذهني سڪون جو تحفظ ڪري ۽ ان لاءِ سمورا گهربل بندوبست ڪري. ان ڪري سماج جي سمورين ساڃاهه وند ڌرين جو فرض آهي ته اُهي رياستي ادارن تي پنهنجو دٻاءُ وڌائين.

(2) سنڌ پوليس ۾ ڪيترائي مثالي، بهادر ۽ ايماندار پوليس آفيسر موجود آهن. ان ڪري ضرورت ان جي آهي ته اُتر سنڌ جي انهن 9 ضلعن جتي قبائلي دهشتگرديءَ جي باهه ٻريل آهي، اُتي انهن مضبوط، بهادر، قابل ۽ ذميوار پوليس آفيسرن کي مقرر ڪري کين مڪمل انتظامي اختيار ڏنا وڃن. يقين جهڙي اُميد سان چئي سگهجي ٿو ته اهڙا پوليس آفيسر ڪجهه وقت اندر صورتحال ۾ تمام وڏيءَ حد تائين سڌارو آڻي سگهندا.

(3) سنڌي ميڊيا جتي پنهنجي ترقيءَ ۽ واڌاري سبب سنڌي سماج جي اوسر ۾ وڏيءَ حد تائين مثبت ڪردار ادا ڪيو آهي، اُتي ان جي ڪجهه رجحانن سنڌي سماج کي سخت نقصان پڻ رسايو آهي. مثال طور ڌاڙيلن، ڪارنهن جي الزام هيٺ قتل ڪندڙن، قبيلائي دهشتگردن ۽ هٿياربندن کي سطحي ڊرامن ۽ رپورٽنگ ذريعي هيرو ڪري پڻ پيش ڪيو ويو آهي، جنهن جو اڳ ئي نفسياتي ۽ سماجي پيچ ڊاهه جي شڪار سماج تي ڪو مثبت اثر نه پيو آهي. سنڌي ميڊيا جا سطحي ۽ غير معياري ڊراما ڌوهارين ۽ هٿياربندن جي ڪردارن ۾ سحر انگيزيت پيدا ڪري، عوام کي گمراهه ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪن ٿا. ٻئي پاسي ميڊيا جي اهڙي ڪردار سبب سنڌ جو اميج سڄي ملڪ ۽ دنيا ۾ وڌيڪ بدنام ۽ خراب ٿئي ٿو. ان جي اُبتڙ سنڌي ميڊيا کي نه رڳو اهڙن رجحانن ۽ روين يا روايتن کي وائکو ڪرڻ گهرجي، پر ٻئي طرف سماج جي صحتمند ڪردارن، سوچن، لاڙن، سرگرمين ۽ عملن کي وڌيڪ اُڀارڻ گهرجي.

(4) سماج ۾ وڌندڙ ويڳاڻپ سبب اهڙن حساس مسئلن ڏانهن معاشري جي سجاڳ ۽ ساڃاهه وند فردن ۽ حصن جو رويو گهڻي ڀاڱي لاتعلقيءَ وارو آهي. يعني هر ڪو پنهنجي ڪَل بچائڻ ۾ پورو آهي، پر ظاهر آهي ته جيڪا باهه سڄي معاشري کي وِڪوڙينديءَ ان ۾ پس و پيش ڪير به بچي نه سگهندو. اسان کي اِها سماجي بي حِسي ۽ لاتعلقي ختم ڪري، هن باهه کي وسائڻ ۾ پنهنجي پتيءَ جو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. ٻيءَ صورت ۾ اڳ يا پوءِ اُها باهه هر گهر تائين ايندي ۽ ان کان ڪير به محفوظ ۽ سلامت نه رهندو.

(5) سول سوسائٽي جيتوڻيڪ سنڌ ۾ اڃا ايترو مضبوط ۽ سگهاري نه ٿي آهي جو رياست يا سماج جا طاقتور گروهه ۽ حصا ان کي به ڪا ڌر سمجهن ۽ ان جي آواز ۽ ڪردار کي گهربل اهميت ڏين. پر ان باوجود سول سوسائٽي ڊسڪورس جي تشڪيل ۽ مضبوط راءِ عام ٺاهڻ جي حوالي سان وڏو اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. جيئن ته اڄوڪي دور ۾ ڊسڪورس ۽ عوامي راءِ به پاور جي هڪ صورت آهي، ان ڪري ان جي

اهميت ڪنهن طور بہ گهٽ اهم نہ آهي. سنڌ ۾ رياست جي ناڪاميءَ، لاقانونيت، وڌندڙ قبائليت ۽ قبائلي دهشتگرديءَ، ذات پرستي ۽ نسل پرستيءَ جي لعنت کي سگهاري عوامي راءِ ۽ ڊسڪورس ذريعي ڪاپاري ڌڪ هڻي سگهجي ٿو ۽ ان ڏس ۾ سنڌ جي بظاهر ڪمزور سول سوسائٽي وڏو اهم ۽ اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي، جنهن ۾ اديب، دانشور، صحافي، وڪيل، انساني حقن جا ڪارڪن ۽ غير سرڪاري تنظيمون ۽ سياسي پارٽيون خاص طور اچي وڃن ٿيون. سنڌ جو الميو اهو آهي تہ رياست جو پاليل فارمي وڏيرو، جاگيردار، قبيلائي سردار يا ان طبقي سان سلهاڙيل بيا ماڻهو تہ پنهنجي سماجي اثر کي هر صورت ۾ ۽ هر سطح تي ڀرپور استعمال ڪن ٿا، پر وچون طبقو پنهنجي قوت کي ڀرپور نموني قابليت، اعتماد ۽ رٿابنديءَ سان استعمال نٿو ڪري. اڄوڪي دور ۾ جيترا علمي، تعليمي، ڪميونيڪيشن، ميڊيا ۽ ٻيا جديد ذريعا وچين طبقي وٽ آهن، انهن جو وڏيرڪو طبقو تصور بہ نٿو ڪري سگهي، پر اصل مسئلو اهو آهي تہ اهو ان جو گهربل بامقصد استعمال نہ ٿو ڪري. ان ڪري قبائلي دهشتگرد ۽ قبائليت جي هن وڌندڙ رجحان کي سگهاري ڊسڪورس ذريعي ڪاپاري ڌڪ هڻي اڪيلو ۽ ڪُنڊائتو ڪري سگهجي ٿو. ان ڊسڪورس جا بنياد اهي ٿي هئڻ گهرجن تہ:

- قبائلي نظام، سرداري نظام، ذات پرستي ۽ سماجي گروهہ بندي نہ رڳو متروڪ ۽ مُدي خارج نظام ۽ رويا آهن، پر اُهي حقيقت ۾ عملي طور سنڌ دشمن رٿابنديءَ جو حصو آهن.
- سنڌ کي 21هين صديءَ ۾ اڳتي وڌڻ ۽ مقابلي لاءِ سردارن، نوابن، قبيلائي دهشتگردن، هٿياربندن ۽ ڌوهارين جو نہ پر ڊاڪٽرن، انجنيئرن، سائنسدانن، اسڪالرن، دانشورن، روشن خيال سياسي ڪارڪنن، ادب، هنر، معياري تعليم ۽ مضبوط ادارن توڙي سجاڳ، باشعور ترقي پسند عوام جو سماج گهرجي.
- قبائليت، ذات پرستي، سماجي گروهہ بندي سنڌي عوام جي گڏيل قومي سگهہ کي ورهائي سنڌ تي ميري نظر رکندڙ قوتن جا هٿ مضبوط ڪري رهي آهي. سنڌي عوام سنڌ دشمن قوتن سان تڏهن منهن ڏئي سگهندو جڏهن اهو ذاتين، برادرين، قبيلن ۽ گروهي مفادن کان مٿانهون ٿي قومي سوچ تحت ڪا گڏيل قومي سياسي واٽ اختيار ڪندو.
- سنڌ ۾ وڌندڙ قبيلائي دهشتگرديءَ سنڌي عوام جي بدترين غربت واري حالت ۾ نہ رڳو بي پناهہ اضافو ڪيو آهي، پر ان جي معاشي، سياسي، سماجي ۽ ثقافتي سگهہ جي اوسر آڏو بند ٻڌي ڇڏيا آهن.
- سنڌي عوام جي سموري ذهني، احساساتي، سماجي، سياسي، معاشي سگهہ ۽ وسيلا سنڌ جي قومي وحدت، ان جي قومي بقا، آجپي، آزاديءَ ۽ باوقار خودمختيار حيثيت جي بحاليءَ لاءِ استعمال ٿيڻ گهرجن. جڏهن تہ ذات پرستي، سماجي گروهہ بندي ۽ قبيلائي دهشتگرديءَ سبب سنڌن اها سموري سگهہ سنڌي قوم جي اجتماعي تباهيءَ ۽ بربادي‌ءَ لاءِ استعمال ٿي رهي آهي.
- زرعي معيشت سنڌي عوام ۽ خاص طور نوجوانن کي روزگار جا وسيع موقعا فراهم نہ ٿي ڪري سگهي ۽ امن امان جي اڻ هوند، قبائلي دهشتگردي ۽ عدم سلامتيءَ جي ڪري سنڌ جي ننڍين شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ ڪابہ سيڙپڪاري ٿي نہ سگهندي، جنهن جو سمورو نزلو اڳ ئي هيٺي ۽ مظلوم سنڌي عوام تي ڪرندو ۽ سنڌن معاشي جياپي جا گَس بند ٿيندا ۽ سنڌ وڌيڪ معاشي بدحاليءَ جو شڪار ٿيندي.

- اڄوڪي جديد دور ۾ طاقت، بهادريءَ ۽ ”چڱ_ مڙسيءَ“ جا معيار تبديل ٿي چڪا آهن. اڄوڪي دور ۾ شير شاهه جي شڪري وانگر گهر جا ڪڪڙ مارڻ وارو نه پر حقيقي طاقتور ۽ بهادر اُهو آهي، جيڪو هنرمند، قابل، تعليم يافته، ذميوار، انسان دوست، پورهيو ڪندڙ ۽ ٻين لاءِ لاڀائتو ثابت ٿيندڙ آهي. جديد انساني سماج جي سورهيائي ۽ سگهه جاگيردار ۽ زرعي معاشرن جي مُدي خارج بهادريءَ ۽ طاقت کان گهڻي مختلف ۽ اڳتي وڌيل آهي. ان ڪري اسان کي طاقت جي جديد، انسان دوست، علم دوست ۽ روشن خيال توڙي ترقي پسند سرچشمن سان پاڻ کي سلهاڙڻو پوندو.
- 21هين صديءَ ۾ سنڌي عوام جي اڳواڻي لوفر، ڌوهاري قومپرست، جاهل سردار ۽ نواب، قبيلائي دهشتگرد ۽ ڪوتاهه نظر ۽ انتشار پسند نه پر قوم جا قابل، ذميوار، محنتي، ڪميٽيڊ فرد ۽ ادارا ئي ڪري سگهن ٿا. ان ڪري سنڌي عوام کي پنهنجي ليڊرشپ هر سطح تي تبديل ڪرڻي پوندي.

اڄوڪي دور ۾ ڪنهن به سماج کي تبديل ڪرڻ جا وڏي ۾ وڏا به ذريعا آهن. يعني هڪ معياري ۽ سائنسي تعليم ۽ ٻيو سيڪيولر، انسان دوست، روشن خيال سياست. سنڌ ۾ قبائليت، ذات پرستيءَ، سماجي گروهه بنديءَ، انتشار پسنديءَ ۽ جنوني انارڪيءَ جا اهي لاڙا ان ڪري به وڌيڪ سگهارا ٿيا آهن جو اسان وٽ روشن خيال، ترقي پسند عوامي قومي سياست اڳتي وڌڻ بجاءِ ڪمزور ٿي آهي. اسان جي قومي ۽ عوامي سياست جون انيڪ ڪاميابيون پنهنجيءَ جاءِ تي پر ان جي هڪ وڏي ناڪامي اها آهي ته ان سنڌي عوام ۾ پيدا ڪيل شعور کي تنظيمي شڪل ۾ منظم ڪري، ان کي وڏي سياسي ۽ قومي قوت ۾ تبديل نه ڪيو نتيجي ۾ عوام گروهن، ذاتين، قبيلن ڏانهن موٽ ڪاڏي. هڪ ڳالهه طيءِ آهي ته سياسي سماج ئي عوام کي ذات پرستيءَ ۽ قبائليت جي ڏٻڻ مان ڪڍي سگهي ٿو يعني جڏهن عوام جي ٻڌي، اتفاق يا اختلاف جا بنياد ذات، ڳوٺ، شهر، ويڙهو پاڙو قبيلو نه پر روشن خيال سياسي سوچ ۽ قومي مفاد هوندا. اڄ جڏهن سمورو سنڌي سماج ۽ خاص طور اُتر سنڌ جا اڪثريتي علائقا بدترين قبيلائي گروهه بنديءَ، دهشتگرديءَ ۽ بربريت جي باهه ۾ سڙي رهيا آهن، تڏهن ان جو حقيقي دائمي حل تڏهن ئي نڪرندو جڏهن سنڌ ۾ روشن خيال، ترقي پسند قومي ۽ طبقاتي سياست ۽ ان جون نمائنده ڌريون سگهاريون ٿينديون. سماج جو هر مسئلو پس و پيش سياسي آهي ۽ ان جو حل به سياست، سياسي ليڊرشپ، سياسي عمل، سياسي پارٽين ۽ سياسي سماج جي اڏاوت ذريعي ئي ٿيندو. اهو بال هاڻي سنڌ جي قومي ۽ عوامي سياست جي دعويدار سياسي پارٽين جي ڪورٽ ۾ آهي ته اُهي ڪيتريءَ حد تائين عوام کي متبادل واٽ، دڳ، تحرڪ، تنظيم ۽ گڏيل سگهه ۽ ان جو شعور ڏيڻ ۾ ڪامياب وڃن ٿيون. ٻيءَ صورت ۾ نظر اِهو پيو اچي ته قبائلي دهشتگرديءَ جو هيءُ تيزيءَ سان سُرندڙ وَسيهر سنڌ جي قومي وحدت، امن، ترقيءَ جي امڪان، قومي سگهه ۽ آئيندي کي ڳڙڪائي ويندو. سوال اهو آهي ته ڇا اسان اهو سڄو لقاءُ بدقسمتيءَ سان ڏسندا ئي رهجي وينداسين؟ سنڌ جي قومي ايجنڊا تي سماجي تبديليءَ جي جيتري گهرج ۽ اهميت اڄ آهي، ايتري شايد اڳ ڪڏهن به نه هئي. اسان جو گڏيل قومي شعور ۽ انڪار ذات پرستي، سماجي گروهه بندي، قبائليت ۽ قبائلي دهشتگرديءَ جي قوم دشمن، انسان دشمن ۽ عوام دشمن توڙي تبديلي دشمن رجحان کي هڪ پراسس ذريعي هڪ ڀيرو ٻيهر تاريخ جي ڊسٽبن ۾ ڦِٽو ڪري سگهجي ٿو پر ان لاءِ گهربل سنجيدگيءَ، رٿابنديءَ ۽ منظم قوت جي ضرورت آهي ۽ ان لاءِ سماج جي هر سجاڳ ذهن ۽ زنده ضمير فرد ۽ اداري کي پنهنجي پتيءَ جو ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

ياڳو پهريو

# شهري دهشتگردي:
# پس منظر ۽ پيش منظر

### ايم ڪيو ايم: ڪيئن ۽ ڇو وجود ۾ آئي؟

ايم ڪيو ايم جي وجود ۾ اچڻ بابت سياسي ۽ دانشور حلقن ۾ مختلف ۽ اُبتڙ رايا موجود رهيا آهن. ايم ڪيو ايم پاڻ کي مُنڊَ کان وٺي حالتن جي جبر جي پيداوار ڪوٺيندي رهي آهي، جنهن جو الزام شروع ۾ سنڌين تي ۽ ڪڏهن ڪڏهن بظاهر اسٽيبلشمينٽ تي به هنيو ويجي ٿو. اردو ڳالهائيندڙ دانشورن جو وڏو حلقو به عملي طور اهڙو ئي موقف رکندو آيو آهي. پنجابي دانشورن جي وڏي حلقي وٽ اڃان تائين ان بابت ڪا به چِٽائي نه آهي ۽ سواءِ ڪجهه دانشورن جي اڪثريت موقعي پرستيءَ سبب پنهنجي واضح اظهار کان لنوائيندي رهي آهي. سنڌ اڃان سياسي دانشورن جو اهو نسل بنهه ٿورو پيدا ڪيو آهي، جنهن کي حالتن جو گهِرو سياسي ۽ سائنسي ادراڪ هجي، جڏهن ته ڪجهه ليکڪ ۽ سياسي ڌريون شروع کان ايم ڪيو ايم بابت پنهنجو واضح موقف رکنديون آيون آهن. مان پاڻ گذريل ارڙهن سالن کان ان بابت مختلف موقعن تي پاليسي ليول تي لکندو رهيو آهيان. سنڌ جي حوالي سان وڏن ۽ بنيادي پاليسي معاملن بابت لکڻ کي سدائين مون پنهنجو بنيادي فرض پئي سمجهيو آهي ۽ ايم ڪيو ايم به سنڌ جي قومي وجود ۽ مفادن سان لاڳاپيل هڪ اهم موضوع آهي ۽ ان بابت هر حساس موقعي تي سنڌي عوام آڏو مؤقف رکڻ منهنجي اولين فڪري فرضن ۾ شمار رهيو آهي.

منهنجي نظر ۾ ايم ڪيو ايم جي وجود ۾ اچڻ جا به واضح مُحرڪ هئا ۽ انهن ٻنهي محرڪن جي هم

آهنگيءَ ايم ڪيو ايم کي نہ رڳو جنم ڏنو پر ان کي جياپي جا سگهارا بنياد ڏنا. اهي بہ محرڪ هي هئا:

(الف) لڏپلاڻ ورهاڱي جي معاهدي جو حصو نہ هئي. ورهاڱي وقت ڪنهن بہ موقعي تي اهو موضوع بحث هيٺ نہ آيو هو تہ ڪو ڪنهن بہ علائقي ۾ مسلمانن جي نقل مڪاني يا لڏپلاڻ ٿيندي. مسلم ليگ جي مٿين سطح جي ليڊرشپ ۾ جناح کان سواءِ وڏو حصو يو پي ۽ سي پيءَ جي مسلمانن جو هو. جن جي ٻولي اردو هئي. نئين نهندڙ ملڪ کي هنن مالِ غنيمت سمجهيو. جيڪو بغير ڪنهن وڏيءَ جدوجهد ۽ قربانيءَ جي کين جهوليءَ ۾ اچي مليو. نئين نهندڙ ملڪ جي ڪنهن بہ صوبي ۽ علائقي سان سندن ڪوبہ تاريخي، سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ معاشي لاڳاپو نہ هو. هنن لاءِ هتي ڪوبہ تَڪُ بہ موجود نہ هو. يوپي، سي پيءَ جي مسلمانن جي پاڪستان ۾ پس و پيش سنڌ ڏانهن لڏپلاڻ سندن منصوبو هو. جو کين هتي مستقل سياسي سگهہ لاءِ بنياد گهربل هئا. پنجاب کين جاءِ نہ ڏني، سرحد ۽ بلوچستان سندن ترجيح ۾ شامل نہ هئا، ان ڪري سنڌ جي شهرن ۾ کين حڪمت عمليءَ ۽ مستقل مفاد طور آباد ڪيو ويو. پهرين ڏينهن کان اردو ڳالهائيندڙ عوام جي حڪمران طبقي جي سياست جو بنياد ۽ محرڪ سنڌين سان تعصب، برتريءَ جي احساس ۽ دشمنيءَ تي ٻڌل هو. لياقت علي خان کان وٺي نواب مظفر تائين ۽ نواب يامين کان وٺي يوپاليءَ تائين اهو سمورو رڪارڊ تاريخ جي صفحن ۾ محفوظ آهي. ستر جي ڏهاڪي جي آخر تائين سندن سياست جون واڳون سندن مٿين طبقي وٽ رهيون. اَسيءَ جي ڏهاڪي ۾ پهريون ڀيرو هيٺين وچين طبقي جي نوجوان الطاف حسين ساڳيءَ سياست کي اجان وڌيڪ ڇِٽو ڪري ”مهاجر“ سڃاڻپ جي بنياد تي نئين سياست جو بنياد وڌو ۽ ڪيس ڏاڪي بہ ڏاڪي اردو ڳالهائيندڙ عوام ۾ بہ زبردست پذيرائي ملي پر سندس سياست لياقت علي خان، نواب مظفر، نواب يامين ۽ يوپاليءَ جو ئي نئين روپ ۾ تسلسل ۽ ان کان بہ هزار ڀيرا وڌيڪ خطرناڪ هئي.

(ب) ڪڏهن ڪڏهن تاريخ ۾ اتفاق ۽ مختلف مفادن جي هم آهنگي بہ وڏو ڪردار ادا ڪندي آهي. اهو ساڳيو ئي دؤر هو. جڏهن اسٽيبلشمينٽ 1983ع جي تحريڪ ۾ سنڌي عوام جي ٻڌيءَ، جدوجهد ۽ مزاحمت کان خائف ٿي، ان جي جوابي حڪمت عمليءَ تي غور ڪري رهي هئي. اسٽيبلشمينٽ 1983ع جي جدوجهد کي رڳو نام نهاد جمهوريت جي بحاليءَ تائين نہ ٿي ڏٺو. هنن کي خبر هئي تہ بنگال کانپوءِ سنڌ ئي هئي، جنهن ۾ هڪ سگهاري قومي جمهوري تحريڪ جا محرڪ ۽ بنياد موجود هئا ۽ 1983ع جي مزاحمت کين ڌيڄاري ڇڏيو. جنهن جو هنن مستقل توڙ ڳولڻ ٿي چاهيو. الطاف حسين جي سياست جي روپ ۾ کين ان جو جٽادار جواب ملي ويو. اسٽيبلشمينٽ وجهي الطاف حسين تي هٿ رکيو. ٻنهي ڌرين جا مفاد ۽ محرڪ پنهنجا پنهنجا هئا پر سندن اهو ناجائز اتحاد سنڌ لاءِ تباهين جا نوان جواز ۽ بنياد کڻي آيو. جنرل ضياءَ جي پوري دؤر ۾ ايم ڪيو ايم کي ڪيئن پالي، تاتي، بالغ ۽ منظم ڪيو ويو؟ اهو سمورو رڪارڊ تاريخ جي صفحن ۾ محفوظ آهي. اها آهي ايم ڪيو ايم جي وجود ۾ اچڻ جي مختصر ڪهاڻي، جنهن جي هر پاسي کي ثابت ڪرڻ لاءِ سمورو رڪارڊ موجود آهي. رڳو ڏسڻ ۽ پرکڻ واريون ايماندار اکيون هجن. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ايم ڪيو ايم تاريخ جي اٽڪر حالتن جو منطقي نتيجو نہ پر انهن ٻن ناجائز مفادن جي لاڳاپي جي نتيجي ۾ پيدا ڪيل / ٿيل وجود آهي.

### 2۔ ايم ڪيو ايم هيستائين سنڌ کي ڇا ڇا ڏنو آهي؟

ايم ڪيو ايم جي ڪردار کي تڏهن ئي حقيقت پسنديءَ سان پرکي سگهجي ٿو جڏهن اهو ڏٺو وڃي تہ ان پنهنجي وجود جي قيام ڪان وٺي هيستائين سنڌ کي ڇا ڇا ڏنو آهي؟ ايم ڪيو ايم کي رڳو سندس دعوائن جي بنياد تي پرکي نہ ٿو سگهجي. ان لاءِ هن جو گهڻ طرفو جائزو وٺڻ تمام ضروري آهي. خاص طور سندس پاليسين ۽ ڪردار جي حوالي سان. هونئن بہ دنيا ۾ دعوائن جي بنياد تي ڪنهن کي بہ پرکي نہ ٿو سگهجي. دنيا ۾ اڄ تائين ڪهڙي ظالم، قاتل، آمر، ڦورو ۽ جابر پاڻ کي اصلي روپ ۾ پيش ڪيو آهي ۽ پاڻ کي غلط پئي ڪوٺيو آهي. هٽلر بہ تہ پاڻ کي قومپرست سڏائيندو هو. اچو تہ سنڌ ۽ سنڌين جي قومي مفادن جي پس منظر ۾ ايم ڪيو ايم جي پاليسين ۽ ڪردار جي ڪجهہ پاسن جو جائزو وٺون.

#### (الف) دهشتگرديءَ جو راڄ قائم ڪرڻ:

ايم ڪيو ايم جو سنڌ کي ڏنل وڏي ۾ وڏو تحفو شهري دهشتگردي آهي. سنڌ جي سياسي ڪلچر ۾ اڳ بہ انيڪ بڇڙايون هيون پر سياست ۾ دهشتگرديءَ جو راڄ ايم ڪيو ايم جي پيداوار آهي. دنيا جي هر فاشسٽ ڌر وانگر سندن بنيادي اسٽريٽجڪ هٿيار بہ دهشتگردي آهي. سياسي مخالفت جو جواب دهشتگردي، اظهار جي آزاديءَ جو جواب دهشتگردي، پارٽيءَ سان اختلاف رکڻ جو جواب دهشتگردي، رياست کي بليڪ ميل ڪرڻ جو انداز دهشتگردي، هر دليل جو جواب دهشتگردي، پرامن جمهوري سياسي مقابلي جو جواب دهشتگردي. هزارين تہ ڇا پر اڻ ڳڻيا لاش ۽ اذيت گهرن جو شڪار ماڻهو ان جو ثبوت آهن ۽ ان دهشتگرديءَ جو شڪار صرف سنڌي نہ پر سندن تنظيمي اڳواڻ ۽ سندن مخالف اردو ڳالهائيندڙ بہ ٿيندا رهيا آهن. حڪيم سعيد، مولوي صلاح الدين ۽ عظيم طارق ان جا خاص ثبوت آهن.

#### (ب) پرامن جمهوري سياست جون راهون بند ڪرڻ:

ايم ڪيو ايم کي اسٽيبلشمينٽ طرفان اُڀاريو ئي سنڌ ۾ پُرامن جمهوري سياست جون راهون بند ڪرڻ لاءِ ويو هو. ڇاڪاڻ تہ پُرامن جمهوري سياست ذريعي سنڌي عوام جي ئي سگهاري ٿيڻ جو امڪان هو. جڏهن ايم ڪيو ايم ذريعي سياست اندر دهشتگرديءَ جو راڄ متعارف ڪرايو ويو تہ پوءِ پُرامن جمهوري چٽا ڀيٽيءَ واري سياست جون راهون بند ٿيون ۽ سياست کي ولگرائيز ڪيو ويو. جيڪڏهن سنڌ اندر پُرامن جمهوري چٽا ڀيٽيءَ واري سياست هجي ها تہ سنڌ جي سيني ڪان سگهاري ڌر سنڌي ماڻهو هجن ها پر هاڻي سنڌين جي سياسي سگهہ پنهنجي ئي وطن ۽ صوبي اندر ٻئي درجي جي آهي ۽ اهو ڪو اتفاق نہ هو پر اسٽيبلشمينٽ جي حڪمت عمليءَ جي نتيجي ۾ ٿيو آهي ۽ ايم ڪيو ايم ان جو اهم ذريعو ۽ هٿيار بڻي آهي. اها پاڻ بہ پنهنجي سرشت ۾ ساڳيا محرڪ ۽ مفاد رکي ٿي.

#### (پ) سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ عوام ۾ تضاد کي وڌائڻ:

اهو صحيح آهي تہ ناجائز لڏپلاڻ، سنڌين جا شهر کسڻ، اردوءَ کي قومي ٻوليءَ طور مڙهڻ ۽ ٻين انيڪ سببن ڪري سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ عوام ۾ انيڪ سياسي، سماجي، ثقافتي، معاشي ۽ ذهني تضاد موجود هئا ۽ آهن پر اهي تضاد ڪو ازلي ابدي نہ هئا ۽ نہ هاڻي آهن. صحتمند جمهوري چٽا ڀيٽيءَ جي هڪ لڳاتار ۽ ڊگهي پراسيس سان اهي تضاد گهٽجن ها ۽ اردو ڳالهائيندڙ عوام جي سنڌ ۾ حقيقي طور ضم ٿيڻ جا

امڪان وڌن ها پر ايم ڪيو ايم جي تعصب، سنڌ دشمنيءَ ۽ دهشتگرديءَ جي ٻڌل سياست ان سلسلي کي اُبتڙ رُخ ۾ وٺي وئي ۽ ٻنهي آبادين جي عوام ۾ موجود پر قابلِ حل تضادن کي وڌايو ۽ تيز ڪيو ويو. ايم ڪيو ايم زبان سان کڻي چا ٻه چوي پر اها عملي طور ان تضاد کي وڌائڻ ۽ موجود رکڻ چاهي ٿي، ڇاڪاڻ ته ٻيءَ صورت ۾ سندن وجود جو ڪوبه جواز نه ٿو رهي. اهو تضاد گهٽبو ته اردو ڳالهائيندڙ عوام پُرامن جمهوري سياست ذريعي سنڌي عوام جي ويجهو ٿيندو ۽ ساڳيءَ طرح سنڌي عوام به کين دل سان قبول ڪندو. ايم ڪيو ايم سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ عوام وچ ۾ موجود تضادن جو اهم جواز ۽ محرڪ آهي ۽ اهو تضاد حڪمت عمليءَ جي لحاظ کان اسٽيبلشمينٽ جي به مفاد ۾ آهي، جنهن کي ايم ڪيو ايم ذريعي وڌايو ويو آهي.

**(ت) اردو ڳالهائيندڙ عوام کي دهشتگرديءَ ذريعي يرغمال رکڻ:**

ايم ڪيو ايم رڳو سنڌ ۽ سنڌي عوام کي ئي نه پر پنهنجي اردو ڳالهائيندڙ عوام کي به سندن جائز مفادن جي حوالي سان ڪاپاري ڌڪ هنيو آهي. ان جو هڪ وڏو ثبوت سندس اڪثريت جو دهشتگرديءَ ذريعي ايم ڪيو ايم وٽ يرغمال هجڻ آهي. اردو ڳالهائيندڙ عوام جي حقيقي آزادي صلب ٿيل آهي. انهن کي نه ايم ڪيو ايم سان تنظيم اندر اختلاف رکڻ جو حق آهي ۽ نه ٻاهر سياسي ميدان تي. فقط اها معمولي سياسي ٽورائي جيڪا جماعت اسلامي ۽ ٻين منظم سياسي جماعتن سان لاڳاپيل آهي، اها ئي آزاد آهي، جڏهن ته اڪثريت وٽن سياسي طور يرغمال بڻيل آهي. جيڪڏهن اردو ڳالهائيندڙ عوام جي اڪثريت ايئن دهشتگرديءَ ذريعي وٽن يرغمال نه هجي ۽ کين سياست جي چوائس ۽ آزادي هجي ۽ اُهي وسيع تر پُرامن جمهوري سياست جي ڌارائن جو حصو هجن ته هوند سياسي حوالي سان سنڌ جو نقشوئي تبديل ٿيل هجي، پر ايم ڪيو ايم ان امڪان جون راهون دهشت وسيلي بند ڪريو ويٺي آهي.

**(ث) سنڌ حڪومت کي سنڌين جي قومي مفادن خلاف استعمال ڪرڻ:**

جڏهن کان ايم ڪيو ايم کي اُڀاريو ويو آهي، تڏهن کان سنڌ جي اسيمبلي ۽ حڪومت عملي طور وٽن يرغمال رهيون آهن. جي ايم ڪيو ايم مخالف ڌر ۾ هوندي آهي ته اسيمبلي ۽ حڪومت وٽس دهشتگرديءَ وسيلي يرغمال هونديون آهن ۽ جيڪڏهن اها حڪومت ۾ هوندي آهي ته اختيار ۽ اقتدار وسيلي پر ٻنهي صورتن ۾ 1985ع کان وٺي سنڌ ڪڏهن به هڪ آزاد اسيمبلي ۽ حڪومتون نه ڏٺي آهي. جيتوڻيڪ ان جا ٻيا به انيڪ سبب آهن پر ان جو هڪ مکيه سبب ايم ڪيو ايم به آهي. هن ئي نظام اندر گهٽ ۾ گهٽ ٻين ٽن صوبن کي پنهنجون حڪومتون ناهڻ جو اختيار آهي پر سنڌ جو اڪثريتي عوام ان حق کان عملي طور محروم ڪيو ويو آهي. اها ڳالهه هاڻي ڪو راز نه آهي ته اسٽيبلشمينٽ سنڌ ۾ سنڌين جي اڪثريتي خود مختيار حڪومت نه ٿي چاهي ۽ ساڳيو مقصد ايم ڪيو ايم جو به آهي ۽ سندن ناجائز اتحاد سنڌ جي اڪثريتي عوام کي اقتدار ۽ اختيار جي حق کان محروم ڪري رکيو آهي. هاڻ ته اسٽيبلشمينٽ پنهنجين ايجنسين جي آشيرواد سان سنڌي وڏيرن جا ننڍا ننڍا پارلياماني گروهه ناهي ايم ڪيو ايم جي جهوليءَ ۾ وجهي ڇڏيا آهن. ٽر جي اربابن، نٿي جي شيرازين، پير صاحب پاڳاري جي گروپ ۽ آزاد ميمبرن جي هڪ لوڌ جو عملي طور سواءِ ان جو ٻيو ڪهڙو ڪم آهي ته ايم ڪيو ايم کي سنڌ جي حڪومت جو اختيار ڏٺي ڇڏايو وڃي. ايم ڪيو ايم سنڌ ۾ اقتدار ۾ اچي ڇا ڪندي آهي؟ ۽ ڪنهن جي مفادن تي راتاها هڻندي

آهي ان لاءِ سنڌ ڪنهن به حڪومت کي هڪ تحقيقي موضوع طور ڪٽي سگهجي ٿو. موجوده حڪومت ان جو وڏو مثال آهي. سنڌ جي ضلعن کي تعصب جي بنياد تي ورهائڻ ۽ وسيلن کي بيدرديءَ سان لُٽڻ ۽ ڦرڻ جا موجوده ڪارناما ته بنهه تازا آهن.

### 3_ ايم ڪيو ايم بابت غلط تصور ۽ مفروضا:

ناجائز مفاد رکندڙ قوتن جو صديون پراڻو هٿيار غلط تصور ۽ مفروضا ڦهلائڻ آهي. عوام گمراهه نه ٿيندو ته ناجائز مفاد رکندڙ قوتن جو ڪم نه هلندو. صدين کان بادشاهن، ڦورن، قاتلن، مذهبي ٺيڪيدارن ۽ هر قسم جي ناجائز قوتن جو اهو ڏنڊو رهيو آهي. عوام دوست ڌرين ۽ فردن جو به فرض آهي ته عوام کي حقيقتن کان آگاهه ڪيو وڃي ۽ غلط تصورن ۽ مفروضن جي چنڊ ڇاڻ ڪري عوام جي تنقيدي ۽ حقيقت پسند شعور کي اُڀاريو ۽ مضبوط ڪيو وڃي.

ايم ڪيو ايم به پاڻ بابت انيڪ مفروضا ناهي مشهور ڪيا آهن ۽ اسٽيبلشمينٽ توڙي يرغمال صحافت ان ۾ سندن ڀرپور ساٿ پئي ڏنو آهي. ايم ڪيو ايم جي ان پروپيگنڊه جو شڪار رڳو عام ماڻهو نه پر ڪيترائي ڏسڻا وائسڻا ماڻهو به ٿيا آهن، اچو ته ڪجهه اهڙن غلط مفروضن جو ڇيد ڪريون.

#### (الف) ايم ڪيو ايم اسٽيبلشمينٽ مخالف جماعت آهي؟:

ايم ڪيو ايم بابت وڏي ۾ وڏو ڪوڙ اِهو ڦهلايو ويو آهي ته اها هڪ اسٽيبلشمينٽ مخالف جماعت آهي، جڏهن ته حقيقت ۾ اها پيداوار ئي ان جي آهي ۽ اڄ تائين ان جي ئي عملي سهڪار سان هلي رهي آهي. اچو ته رڳو ڪجهه بنيادي سوالن جي بنياد تي ان ڳالهه جو جائزو وٺون ته ڇا ايم ڪيو ايم ڪنهن به طور اسٽيبلشمينٽ مخالف جماعت آهي؟

(1) ڇا ڪا به جماعت پاڪستان ۾ اسٽيبلشمينٽ جي پٺڀرائيءَ کان سواءِ دهشتگرديءَ جو راڄ قائم ڪري سگهي ٿي؟

(2) ڇا اڄ تائين ايم ڪيو ايم جي ڪنهن به دهشگرد کي سئو سئو قتلن جي مقدمن باوجود ڦاهي يا ڪا به ڏوهن موجب سزا ڏني وئي آهي؟

(3) ڇا اڄ تائين ايم ڪيو ايم جي ڪنهن به اڳواڻ تي قتل جو ڪو به سنگين ۽ حقيقي مقدمو توڙ تائين هلايو ويو آهي؟

(4) ڇا اڄ تائين ڪنهن به اسٽيبلشمينٽ مخالف جماعت جي اڳواڻن تان سنگين ڏوهن ۽ وارداتن جا هزارين مقدما ايئن واپس ورتا ويا آهن جيئن هر دؤر ۾ ايم ڪيو ايم جا واپس ورتا ويندا آهن؟

(5) ڇا اسٽيبلشمينٽ پنهنجي ڪنهن به مخالف جماعت جي اقتدار ۾ اچڻ لاءِ ايئن سرگرم ڪردار ادا ڪندي آهي، جيئن اها سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم لاءِ ڪندي آهي؟

(6) ڇا پاڪستان ۾ ڪنهن به اسٽيبلشمينٽ مخالف جماعت کي ايتري آزادي ملڻ ممڪن آهي جيتري سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم کي حاصل آهي؟

(7) ڇا اسٽيبلشمينٽ ڪنهن به صوبي ۾ پنهنجي مخالف پارٽيءَ جي ڄاتل سڃاتل دهشتگرد کي صوبي ۾ وفاق جو نمائندو يعني گورنر مقرر ڪري سگهي ٿي؟

(8) ڇا اسٽيبلشمينٽ پنهنجي ڪنهن بہ مخالف پارٽيءَ جي حڪومت کي رياستي مشينريءَ ۾ انتظاميہ کي ايئن مڪمل ڪنٽرول ۽ اختيار ڏيئي سگهي ٿي، جيئن اها سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم کي ڏيو ويني آهي ۽ ماضيءَ ۾ ڏيندي رهي آهي؟

(9) ڇا ڪابہ اسٽيبلشمينٽ مخالف پارٽي، اسٽيبلشمينٽ جي باوردي سربراهہ جي ايئن اُگهاڙي حمايت ڪري سگهي ٿي؟ جيئن ايم ڪيو ايم جنرل مشرف جي ڪئي؟

**(ب) ايم ڪيو ايم مڊل ڪلاس جي نمائنده جماعت آهي؟:**

مڊل ڪلاس کي سڄيءَ دنيا ۾ روشن خياليءَ جي علامت ۽ تبديليءَ جو نقيب طبقو سمجهيو ويندو آهي، ان ڪري ايم ڪيو ايم هميشہ پاڻ کي وچين طبقي جي نمائنده جماعت سڏائيندي آهي. جنهن مان سندن مقصد ۽ مطلب پنهنجو روشن خيال خاڪو پيش ڪرڻ هوندو آهي پر ضروري ناهي تہ مڊل ڪلاس جي هر جماعت روشن خيال ۽ جمهوريت پسند هجي يا مڊل ڪلاس دوست هجي، اچو تہ وري بہ تفصيلي تجزيي بجاءِ ڪجهہ بنيادي سوالن ذريعي ان ڳالهہ جو جائزو وٺون تہ ڇا ايم ڪيو ايم مڊل ڪلاس دوست جماعت آهي؟

(1) ڇا ڪابہ دهشتگرد تنظيم مڊل ڪلاس دوست ٿي سگهي ٿي؟

(2) ڇا ڪابہ دهشتگرديءَ وسيلي دڪاندارن ۽ واپارين کان زوريءَ ڀتو وٺندڙ تنظيم مڊل ڪلاس دوست ٿي سگهي ٿي؟

(3) ڇا آزاد ميڊيا ۽ اظهار جي آزادي مخالف ڪابہ تنظيم مڊل ڪلاس دوست ٿي سگهي ٿي؟

(4) ڇا امن امان خراب ڪندڙ ۽ ڪاروبار لاءِ هاڃيڪار حالتون پيدا ڪندڙ ڪابہ تنظيم مڊل ڪلاس دوست ٿي سگهي ٿي؟

(5) ڇا دهشتگرديءَ وسيلي عوام کي يرغمال بڻائيندڙ ۽ حڪيم سعيد جهڙن دانشورن جا قتل ڪندڙ ڪابہ تنظيم مڊل ڪلاس دوست ٿي سگهي ٿي؟

(6) ڇا مخالفن کي ماريندڙ ۽ تنظيم اندر اختلاف رکندڙ ماڻهن کي قتل ڪندڙ ڪابہ تنظيم مڊل ڪلاس دوست ٿي سگهي ٿي؟

(7) ڇا اڪيون پوري هڪ دهشتگرد اڳواڻ پويان هلندڙ ڪابہ تنظيم مڊل ڪلاس دوست ٿي سگهي ٿي؟

(8) ڇا تعليمي ادارن ۾ تعليم ۽ علم بدران دهشت جو راڄ قائم ڪندڙ ڪابہ تنظيم مڊل ڪلاس دوست ٿي سگهي ٿي؟

اهڙن ۽ ٻين انيڪ سوالن تي غور ڪرڻ سان اها ڳالهہ ثابت ڪرڻ ڏکي ناهي تہ ايم ڪيو ايم پنهنجي سڄي جمار ۾ سنڌي توڙي اردو ڳالهائيندڙ مڊل ڪلاس جي اوسر کي سياسي، معاشي ۽ اخلاقي طور ڪاپاري ڌڪ هنيو آهي ۽ بدستور هڻي رهي آهي.

**(ت) ايم ڪيو ايم پنجاب ۽ وڏيرن/ جاگيردارن جي خلاف آهي؟:**

ايم ڪيو ايم لاءِ شروع کان وٺي هر سطح تي اهو مشهور ڪرايو ويو آهي تہ اها پنجاب ۽ سنڌ جي جاگيردار/ وڏيرڪي طبقي خلاف آهي. ايم ڪيو ايم جي گذريل ويهن سالن جي ڪردار کي ڏسجي ۽

پرڪجي تہ ان ڪان وڌو بيو ڪوبہ ڪوڙ ٿي سگهي نہ ٿو. ايم ڪيو ايم جي سنڌ دشمن ڪردار کي اُپارڻ لاءِ حڪمت عمليءَ طور اسٽيبلشمينٽ شروع ڪان اهو تاثر اُپارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ايم ڪيو ايم هڪ پنجاب مخالف جماعت آهي. جيتوڻيڪ اهڙي تاثر جو ڀرم رکڻ لاءِ ايم ڪيو ايم ڪڏهن ڪڏهن زباني طور لفاظيءَ جي حد تائين پنجاب خلاف ڳالهائي بہ ٿي پر سوال اهو آهي تہ ايم ڪيو ايم جي ڪهڙي پاليسيءَ ۽ قدم جي نتيجي ۾ عملي طور پنجاب کي ڪوبہ نقصان رسيو هجي؟ جڏهن تہ حقيقت اها آهي تہ سنڌ مان سموريون صنعتون ۽ واپار جا مرڪز پنجاب منتقل ڪرڻ لاءِ ايم ڪيو ايم جون ئي خدمتون حاصل ڪيون ويون ۽ ايم ڪيو ايم اسٽيبلشمينٽ کي اها راند سؤلي ڪري ڏني. ايم ڪيو ايم سدائين اسيمبليءَ توڙي حڪومت ۾ هڪ نهايت اثرائتي ڌر رهي آهي. سوال آهي تہ ان جي ڪهڙي قدم, پاليسيءَ يا قانونسازيءَ توڙي نهراءَ پنجاب جي هڪ هٽيءَ کي نقصان رسايو آهي؟ ٻئي طرف ايم ڪيو ايم جي هر قدم, ڪردار ۽ پاليسيءَ پس و پيش سنڌ ۽ سنڌي عوام کي ئي ڪاپاري ڌڪ پئي هنيو آهي.

اهو بہ وڏو ڪوڙ آهي تہ ايم ڪيو ايم وڏيرن ۽ جاگيردارن جي خلاف آهي, ڏنو وڃي تہ ايم ڪيو ايم جي سنڌ ۾ حقيقي اتحادي ۽ پُڄ لَتڪائو ڌُرِ سنڌ جا ويڪائو وڏيرا/ جاگيردار ۽ پِيرَ ئي تہ آهن. ايم ڪيو ايم سنڌ ۾ حڪومت ڪنهن جي مدد سان ٺاهيندي آهي ۽ ڪنهن جي مدد سان سنڌ جي اقتدار ۽ وسيلن تي قبضا ڪندي آهي؟ سنڌ جا ويڪائو وڏيرا سنڌ ۾ اسٽيبلشمينٽ ۽ ايم ڪيو ايم جي اسٽريٽجڪ ضرورت آهن. سنڌ ۾ سندن ناجائز مفادن جو محافظ اهو "ٽڳيءَ جو ٽاهہ" انهن وڏيرن ۽ پِيرنَ جي سهڪار سان ئي هلي سگهي ٿو ۽ هيستائين هلندو رهيو آهي. ان ڪري ان حوالي سان بہ ايم ڪيو ايم جي زباني دعوائن ۽ لفاظيءَ کي نہ پر عملي ڪردار کي ڏٺو وڃي ۽ ان سوال جو گهڻ طرفو جائزو ورتو وڃي تہ اها حقيقت ۾ ڪنهن جي اتحادي آهي ۽ ڪنهن جي مفادن خلاف ڪم ڪندي رهي آهي؟ حقيقت ۾ ايم ڪيو ايم سنڌ ۽ سنڌين خلاف ويڪائو سنڌي وڏيرن ۽ اسٽيبلشمينٽ جي دادلي ۽ اتحادي جماعت آهي.

### (ث) ايم ڪيو ايم پنهنجو اڳوڻو ڪردار بدلائي چڪي آهي؟:

ايم ڪيو ايم يرغمال اردو ميڊيا ۽ اسٽيبلشمينٽ جي مدد سان هر دؤر ۾ نوان نوان ڪوڙا مفروضا ڦهلائيندي ۽ عوام کي گمراهہ ڪندي رهي آهي. سندس پروپيگنڊه فيڪٽريءَ جو ويجهي ماضيءَ ۾ تازو ڪوڙ اهو آهي تہ اها هاڻي پنهنجو اڳوڻو ڪردار بدلائي, هڪ انسان دوست ۽ سنڌ دوست جماعت بڻجي وئي آهي. جيڪڏهن ايم ڪيو ايم سنڌ ۽ سنڌين جي سڄڻ جماعت آهي تہ پوءِ سنڌ ۽ سنڌين کي هرو ڀرو ٻين دشمنن جي ڪابہ ضرورت نہ آهي. ايم ڪيو ايم اهو ڊرامو شروع ڪرڻ ڪان اڳ پاڻ کي سنڌي سڏائڻ شروع ڪيو. الطاف حسين اجرڪ ۽ ٽوپي پائڻ جا ناٽڪ شروع ڪيا, شاهہ لطيف جي عقيدت جا ناٽڪ ڪيا ويا, ٽيليفون تي سنڌي اديبن, صحافين ۽ دانشورن سان الطاف حسين جي خطابن جو مختلف شهرن ۾ بندوبست ڪيو ويو. ڳالهہ وڃي ماضيءَ جي معافين تلافين تائين پهتي. چڱا ڀلا ڏسٽا وائسٽا ماڻهو رات وچ ۾ ايم ڪيو ايم جا عاشق بڻجي پيا. ڪي وڃي تنظيم ۾ باضابطہ طور شامل ٿيا. سياست کي مٿاڇري نموني ۽ سطحي انداز سان نہ پر مفادن ۽ محرڪن جي بنياد تي پرکيندڙن تڏهن ئي سنڌي عوام کي خبردار ڪيو هو

تہ ايم ڪيو ايم جو اهو نئون ڊراما اڳ کان وڌيڪ ڀيانڪ نتيجا ڪڍي ايندو. پر ايم ڪيو ايم جي حمايت ۾ سنڌي ميڊيا اندر قلمي هنبوچيون هڻڻ ۾ سڀ حدون اورانگهيون ويون. اڄ جڏهن ايم ڪيو ايم وري سنڌ ۽ مرڪز ۾ حڪومت ۾ آهي، تڏهن سنڌ پاليسين ۽ ڀهروپيت جا پردا چاڪ ٿي رهيا آهن ۽ حقيقتون هڪ دفعو وري عوام آڏو پڌريون ٿي سامهون اچي رهيون آهن. جن "قومپرست" سياسي ڌرين ۽ دانشورن ايم ڪيو ايم جي پاران صفايون پيش ڪرڻ ۾ وسان نہ ٿي گهٽايو انهن کي ضرور پنهنجو اندر ڪائيندو هوندو يا سنگين غلطيءَ جو احساس ٿيو هوندو پر ان لاءِ سياسي اخلاق جو هجڻ تمام ضروري آهي. پر گهٽ ۾ گهٽ هاڻي ان پروپيگنڊه جا بکيا اُڌڙي ويا آهن تہ ايم ڪيو ايم پنهنجو ماضيءَ جو ڪردار بدلائي هڪ سنڌ دوست ڌر بڻجي وئي آهي.

## 4۔ ايم ڪيو ايم جو نئون ڊرامو ۽ نئين حڪمت عملي:

ڏنو وڃي تہ بظاهر ايم ڪيو ايم جي ان نئين ڊرامي ۽ اسٽيبلشمينٽ جي نئين حڪمت عمليءَ وچ ۾ ڪوبہ لاڳاپو نظر نہ ٿو اچي پر اسٽريٽجڪ حوالي سان گذريل ڪجهہ سالن دوران ايم ڪيو ايم جي سياست ۽ اسٽيبلشمينٽ جي حڪمت عملين تي گهرائيءَ سان نظر وجهجي تہ سندن وچ ۾ لاڳاپي جي ڪهاڻي سمجهہ ۾ اچي ويندي. جنرل مشرف جي اقتدار ۾ اچڻ شرط ايم ڪيو ايم سنڌ دوستيءَ جو ڊرامو شروع ڪيو تہ جيئن جنرل مشرف جي سنڌ دشمن پاليسين ۽ ايم ڪيو ايم جي ڪردار جي سنڌي عوام پاران ڀرپور ۽ مضبوط مزاحمت جا امڪان گهٽجي سگهن. مثال طور:

(الف) مشرف سرڪار سنڌ جي ڪوٽا ۾ سڄي ملڪ ۾ ايم ڪيو ايم جا حمايتي اردو ڳالهائيندڙ وڏن عهدن تي ويهاري ڇڏيا ۽ سنڌي عوام طرفان ان جي ڀرپور مزاحمت نہ ٿي سگهي.

(ب) سنڌي ڪامورن کي پاسيرو رکي ايم ڪيو ايم جي حمايتي اردو ڳالهائيندڙ آفيسرن کي سنڌ جي اڇي ڪاري جو مالڪ بڻايو ويو ۽ ان جي ڀرپور مزاحمت نہ ٿي سگهي.

(پ) ضلعي حڪومتن جي نالي ۾ ايم ڪيو ايم جي حمايتي جنرل تنوير نقويءَ کان منصوبو ٺهرايو ويو ۽ لاڳو ڪيو ويو. ايم ڪيو ايم کان ڊرامو ڪرائي ان جو بائيڪاٽ بہ ڪرايو ويو ۽ نتيجي ۾ ان جي ڀرپور مزاحمت نہ ٿي سگهي.

(ت) وڏيءَ رٿابنديءَ ۽ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي سنڌ حڪومت ۾ ايم ڪيو ايم کي شامل ڪيو ويو ۽ ان جي ڀرپور مزاحمت نہ ٿي سگهي.

ڇا اهو سڀ ڪجهہ ايم ڪيو ايم جي سنڌ دوستيءَ جي ڊرامي کان سواءِ ممڪن هو؟ ايم ڪيو ايم شائستہ عالماڻيءَ ۽ ڊاڪٽر شازيہ لاءِ تہ حڪومت کان ڌار ٿيڻ جي ڌمڪين جا ڊراما ڪيا پر ان گريٽر ٿل ڪئنال جي اڏاوت، ڪالاباغ ڊيم ۽ اين ايف سي ايوارڊ ۾ سنڌ جي جائز حق ڏيارڻ لاءِ تہ اهڙو ڊرامو ڪرڻ بہ گوارا نہ ڪيو. جنهن انداز سان ايم ڪيو ايم سنڌ جي ضلعن جي ورهاست جو سلسلو شروع ڪيو، ان مان واضح اشارا ملي چڪا آهن تہ اهو سنڌ جي وحدت تي وار ۽ ڪراچي، حيدرآباد، سکر، ميرپورخاص ۽ نوابشاهہ جهڙن اهم شهري مرڪزن تي سنڌين جي اثر کي ختم ڪرڻ جي حڪمت عمليءَ جو حصو آهي.

ڏيڍ ڪروڙ آباديءَ جي شهر ڪراچيءَ کي ضلعن ۾ ڇڙوڇڙ ڪري هڪ ٻئي پٺيان ٿيندڙ جا هي ايم ڪيو ايم جا نوان تڪ ٿاهڻ ۽ سياسي طور اهي شهر ايم ڪيو ايم حوالي ڪرڻ لاءِ ورهايو ويجي ٿو ۽ ٻئي طرف سنڌ دوستيءَ جو ڊرامو بہ جاري آهي. اصل ۾ ان ڊرامي پٺيان حقيقي منصوبي ۽ سازش کي صحيح تناظر ۾ سمجهڻ جي ضرورت آهي.

استيبلشمينٽ هر صورت ۾ سنڌ ۾ سنڌين جي اڪثريتي پارلياماني ڌر پ پ پ کي سنڌ ۾ ٽوڙڻ ۽ ڪمزور ڪرڻ گهري ٿي. پ پ پ جي سنڌ ۾ پنهنجي تنظيمي صورتحال ۽ وائڙي ڪردار بہ استيبلشمينٽ جي ان سازش کي آسان بڻايو آهي. استيبلشمينٽ ايجنسين معرفت عملي طور اهڙو انتظام ڪري ڇڏيو آهي جو جتي پ پ پ ڪمزور ٿئي، اُتي ان جو متبادل کي وڏيڪ بهتر سياسي ڌريون نہ پر ايجنسين جي معرفت هلندڙ وڏيرن جا ٽولا سامهون اچن. ان ڏس ۾ ٿرپارڪر، ٺٽي، لاڙڪاڻي، گهوٽڪي، شڪارپور، سانگهڙ ۽ ٻين ڪيترن ضلعن جا مثال ڏسي سگهجن ٿا، جتي ايجنسين ننهن چوٽيءَ جا زور لڳائي پ پ پ خلاف پنهنجا من پسند متبادل ٺاهڻ ۾ وَسان نہ گهٽايو آهي ۽ گهڻيءَ حد تائين ڪاميابي بہ ماڻي آهي. استيبلشمينٽ جي واضح حڪمت عملي آهي تہ ايم ڪيو ايم ۽ انهن ننڍن وڏيرڪن پارلياماني ٽولن کي سنڌ ۾ پ پ پ جي متبادل طور اُڀاريو وڃي. ڄام صادق کان وٺي ان فارمولي تي ڏاڪي بہ ڏاڪي عمل ٿي رهيو آهي. ڄام صادق، مظفر شاهہ، لياقت جتوئي، غوث علي شاهہ، علي محمد مهر ۽ موجوده ارباب جي نام نهاد حڪومت ان جا چٽا مثال آهن. انهن مان ڪير هو جيڪو بااختيار وڏو وزير هو؟ انهن مان ڪير هو جنهن بنيادي طور ايم ڪيو ايم ۽ استيبلشمينٽ جي گُڏي طور ڪم نہ ڪيو؟ استيبلشمينٽ سنڌ حڪومت جي ان ماڊل کي پ پ پ جي مستقل متبادل طور يقيني بڻائڻ چاهي ٿي ۽ ايم ڪيو ايم جي نئين ڊرامي جو بنياد ۽ محرڪ بہ اهو ئي آهي. جنرل مشرف ان حڪمت عمليءَ ۽ منصوبي تي عمل کي اڃان وڏيڪ تيز ڪيو آهي. يعني هڪ طرف سنڌين کان حڪمرانيءَ جو حق کسيو وڃي تہ ٻئي طرف سنڌ ۾ حڪومت هميشہ اهڙي هجي جيڪا استيبلشمينٽ جي پنهنجي هجي ۽ پاليسي ليول تي اها سنڌ جي عوام جي قومي مفادن جي بچاءُ لاءِ ڪوبہ بنيادي ڪردار ادا نہ ڪري. ظاهر آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ ايم ڪيو ايم جي هن نئين ڊرامي کان سواءِ ممڪن نہ هو ۽ نہ آهي. اڳتي هلي انهن وڏيرن کي جيڪي ايجنسين جا دادلا ۽ سڪيلڊو سياسي اولاد آهن، ايم ڪيو ايم ۾ شامل ٿيڻ ۾ ڪابہ گهڻي دير نہ لڳندي. سڄي ڳالهہ جو روحاني راز اهو آهي تہ سنڌين کان سنڌ ۾ حڪمرانيءَ جو حق کسيو وڃي. جزوي طور اهو حق هڪ عرصي کان کسيل آهي پر استيبلشمينٽ ان جو سياسي طور مستقل انتظام ڪرڻ چاهي ٿي ۽ ان تي عمل ڪرڻ ايم ڪيو ايم جي هن ڊرامي کان سواءِ ممڪن نہ آهي. سنڌ جي عوام کي هن سموري صورتحال جو توڙ ڪرڻ لاءِ سڀ کان اڳ ۾ تہ ان کي پوريءَ طرح سمجهڻ گهرجي، ايم ڪيو ايم ۽ استيبلشمينٽ جي هيءَ نئين راند ۽ حڪمت عملي سندن اڳوڻين سمورين حڪمت عملين کان وڏيڪ خطرناڪ ۽ ناقابل تلافي نقصان ڏيندڙ آهي.

### 5_ ايم ڪيو ايم ۾ سنڌين جي شموليت جو مفروضو ۽ حقيقت:

جڏهن کان ايم ڪيو ايم سنڌ دوستيءَ جو ڊرامو شروع ڪيو آهي،تڏهن کان اهو تاثر پڻ قائم ڪرڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ سنڌي ماڻهو ايم ڪيو ايم ۾ شامل ٿي رهيا آهن. جڏهن کان اهو تاثر اُڀارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تڏهن کان ان جي ثابتيءَ لاءِ ڪجھ سنڌين جي ايم ڪيو ايم ۾ شموليت جو بندوبست ڪيو ويو ۽ انتظام پڻ ڪيو ويو آهي پر ان معاملي کي پڻ گهرائيءَ سان ڏسڻ ۽ پرکڻ جي ضرورت آهي.

سنڌي عوام جي گهڻائيءَ جو ٻين سمورين ڪمزورين باوجود سياسي شعور نسبتن اڳتي وڌيل رهيو آهي، ان ڪري ان جي ايم ڪيو ايم بابت اڄ بہ راءِ ۽ رويو ساڳيو آهي. سنڌي وڏيرن جو هڪ موقعي پرست حصو پ پ پ ۾ آهي، جڏهن تہ ان جو صفا اُگهاڙو موقعي پرست طبقو اهائي سياست ڪري ٿو ۽ ڪندو، جيڪا انهن لاءِ ايجنسيون طئي ڪنديون. في الوقت اسٽيبلشمينٽ انهن کي ڏار ڏار ضلعي سطح تي مختلف طاقتور گروهن جي شڪل ۾ اُڀارڻ چاهي ٿي تہ جيئن اهي پ پ پ جي متبادل طور مٿي اچي سگهن ۽ اهي ان ئي رستي تي هلي رهيا آهن. سنڌ ۾ مٿين سطح تي انهن کي هميشہ ايم ڪيو ايم جي سياسي ڪيسي ۾ سياسي جوا جي نوٽن جيان رکيو ويندو آهي. جيئن اڄ اهي اهڙو ڪردار ادا ڪري بہ رهيا آهن. انهن جو قبلو ايجنسيون آهن. سياڻي جي انهن کي ايم ڪيو ايم ۾ شموليت جو حڪم مليو تہ بہ انهن کي ايئن ڪرڻ ۾ دير نہ لڳندي. البت سنڌ جي وچين طبقي جي ڪجھ عنصرن ويجهي ماضيءَ ۾ ايم ڪيو ايم ڏانهن ويجهڙائي محسوس ڪئي آهي، انهن کي بہ سنڌي مڊل ڪلاس جا نمائنده عنصر چئي نہ ٿو سگهجي، پر بهرحال اهو هڪ نئون اُڀرندڙ رويو ضرور آهي، اچو تہ ٿورو ڏسون تہ سنڌين طرفان ايم ڪيو ايم ۾ شامل ٿيندڙ عنصر ڪهڙا ڪهڙا آهن ۽ ان جا سبب ڪهڙا آهن؟

**(الف) سنڌين مان ڏوهاري عنصر:**

سنڌين منجهان ايم ڪيو ايم ۾ شامل ٿيندڙن مان هڪ عنصر اهڙن پيشہ ور ڌارين تي مشتمل آهي، جيڪي هونئن بہ ڪڏهن قومپرستيءَ تي ڪڏهن ايجنسين جي معرفت سياست جي نالي ۾ پناهہ وٺندا رهيا آهن. جڏهن کان ايم ڪيو ايم سنڌين لاءِ تنظيمي شموليت جا در کوليا آهن، تڏهن کان اهڙن عنصرن جي چاندي ٿي وئي آهي، جو تہ ڪين اهڙي پناهہ گاهہ ٻئي هنڌ ملي نہ ٿي سگهي. هڪڙي ڳالهہ طئي آهي تہ ڏوهاري ماڻهو آزاد سياست ڪرڻ جو تصور بہ نہ ٿا ڪري سگهن. ڀوءِ چاهي اهي سنڌي هجن يا اردو ڳالهائيندڙ انهن کي پنهنجا ڏوهاري سياسي ۽ معاشي مفاد پورا ڪرڻ لاءِ هڪ حد تائين آزادي ملي ٿي پر اهي بنيادي ڪم ايجنسين جو ڪن ٿا. سچيءَ سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم ۾ شامل ٿيندڙن ۾ بہ گهڻائي اهڙن عنصرن جي آهي، جنهن کي سنڌي مڊل ڪلاس يا عوام جو لاڙو سڏي نہ ٿو سگهجي.

**(ب) موقعي پرست ۽ بي بنياد سياسي فرد:**

سنڌين منجهان ايم ڪيو ايم ۾ شامل ٿيندڙن ۾ ٻيو عنصر اهڙن فردن تي مشتمل آهي، جيڪي عوام ۽ جمهوري سياست کان ڪٽيل آهن پر سياسي طور چور دروازي ۽ شارٽ ڪٽس سان اڳتي اچڻ جا خواهشمند آهن، جن کي عام ٻوليءَ ۾ موقعي پرست، غير عوامي سياستدان ۽ سياسي فرد بہ سڏي سگهجي ٿو. چاڪاڻ تہ

ايم ڪيو ايم ڪين تڪڙو ۽ بنا پورهيي جي پاور ڪاريڊورس ۾ داخل ڪرڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي ۽ ڪيترن لاءِ بڻجي به چڪي آهي پر ظاهر آهي ته اهڙن موقعي پرست فردن کي به مڊل ڪلاس يا عوام جي لاڙي سان تعبير ڪري نه ٿو سگهجي.

**(پ) موقعي پرست دانشور ۽ اديب:**

سنڌين مان ايم ڪيو ايم ۾ شامل ٿيل ۽ ٿيندڙ عنصرن ۾ هڪ عنصر انهن موقعي پرست دانشورن ۽ اديبن تي مشتمل آهي، جيڪو پنهنجي قومي ۽ جمهوري جدوجهد ۽ ايرين سيرين قوتن ۽ جدوجهدن تي هر وقت ڏمريو وتي پر ايم ڪيو ايم جي اشاري تي "سڀ ڪجهه" قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهي پر انهن کي اڪثريتي سنڌي دانشورن ۽ اديبن جو نمائندو سڏي نه ٿو سگهجي. مثال طور علي احمد بروهي ايم ڪيو ايم ۾ شامل ٿيو. ڀلا علي احمد بروهي هوندن ڪهڙي زماني ۾ بااُصول ۽ عوام سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلندڙ دانشور ۽ اديب هو؟ هر دؤر ۾ آمريتن جو ساٿ ڏنائين ۽ حرام آهي جو ڪڏهن پلجي به سنڌ دوست ڌرين جو ساٿ ڏنو هجيس. ايم ڪيو ايم تي قربان اهي چند سنڌي اديب ۽ دانشور ويا، جن جو سڄو ماضي موقعي پرستيءَ جي داستانن سان پريو پيو آهي. ها البت ڪجهه ماڻهو اهڙا به ويا جن بعد ۾ پڇتايو پر پنهنجي سياسي بي سمجهيءَ، بي عمليءَ ۽ مايوسيءَ سبب هو وقتي طور ايم ڪيو ايم جي سطحي لفاظيءَ جو شڪار ٿيا. ابراهيم منشيءَ جهڙا ماڻهو ان لڏي ۾ شامل هئا. ابراهيم منشيءَ مون سان پاڻ پنهنجي اهڙي سياسي اڻهرائيءَ ۽ ناسمجهيءَ جو اعتراف ڪيو هو. سنڌي اديبن ۽ دانشورن جي ڪجهه حصي جي ايم ڪيو ايم ۾ شموليت جا بنيادي سبب هيٺيان آهن.

(1) موقعي پرستي ۽ ذاتي مفاد حاصل ڪرڻ جي لالچ.
(2) منجهن گهربل سياسي شعور، ادراڪ ۽ تجربي توڙي سياسي دور انديشيءَ جي ڪوت.
(3) سندن عوام کان ڪٽيل هجڻ ۽ قومي طور پنهنجين قوتن جي سگهه تي ويساهه نه هجڻ.
(4) سندن بي عمل هجڻ ۽ بي عمليءَ سبب مايوسيءَ جو شڪار هجڻ، جاڪاڻ ته عوام جي ساٿ ۽ عمل سان ئي ماڻهوءَ کي مايوسيءَ مان نجات ملي سگهي ٿي ۽ پنهنجي سگهه تي اعتبار اچي سگهي ٿو.
(5) ذهني طور قومي حوالي سان سندن هٿيار ڦٽا ڪرڻ واري شڪست خورده پرست ذهنيت.

**6_ ايم ڪيو ايم جي جوابي حڪمت عمليءَ جا بنياد ڪهڙا ۽ ڪيئن هجن؟**

جيئن ايم ڪيو ايم جو وجود ڪو سادو سياسي سوال نه آهي، تيئن ان جو سدباب ۽ جوابي توازن به سادي سياست ۽ حڪمت عمليءَ سان ممڪن نه آهي. اينجلز چيو هو ته سادن مسئلن جا حل پيچيده نه هوندا آهن ۽ پيچيده مسئلن جا حل سادا ٿي نه ٿا سگهن. اهو ڪائناتي اُصول ايم ڪيو ايم تي به لاڳو آهي. منهنجيءَ نظر ۾ سنڌي ماڻهن ۽ سنڌ دوست ڌرين توڙي فردن کي هينين گهڻن رُخن سان اسٽيبلشمينٽ طرفان ايم ڪيو ايم جي ان اُپاريل سگهه جو ممڪن حد تائين ڏاڪي به ڏاڪي سدباب ڪرڻ گهرجي. ظاهر آهي ته اهو سدباب ۽ توڙ نه جلد ممڪن آهي ۽ نه خواهشن تحت سادن طريقن سان گهربل نتيجا ملي سگهن ٿا. اهو سڀ هڪ لڳاتار ۽ جٽادار عمل سان ئي ممڪن آهي. ان جا مکيه بنياد هي پاليسيون ٿي سگهن ٿيون.

**(الف) سنڌين کي وڏن شهرن ۾ سياسي طور منظم ٿيڻ گهرجي:**

اهو صحيح آهي تہ ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌي هندن جي لڏپلاڻ ۽ پناهگيرن جي آبادڪاريءَ ذريعي سنڌين کي پنهنجن شهرن مان عملي طور بي دخل ڪيو ويو پر ڏکي تاريخي پراسس کان پوءِ اڄ وري بہ سنڌي ماڻهو وڏن شهرن ۾ چڱي انگ ۾ موجود آهن. ڪابہ سياسي پارٽي ڪين وڏن شهرن ۾ سياسي ۽ تنظيمي طور منظم ڪري نہ سگهي آهي. وقت اچي ويو آهي تہ سنڌي ماڻهن کي وڏن شهرن اندر سياسي ۽ تنظيمي طور پُرامن جمهوري انداز سان منظم ڪيو وڃي. سنڌين جي قومي جمهوري سياسي پارٽين کي وڏن شهرن ۽ خاص طور تي ڪراچيءَ ۾ پنهنجين سياسي سرگرمين کي وڌائڻ گهرجي. ڪراچيءَ جون ٻهراڙيون سياسي طور نڌڙڪيون آهن ۽ شهرن ۾ رهندڙ مڊل ڪلاس انهن کان ڪٽيل آهن. نتيجي ۾ سنڌي ماڻهن جي گهربل سگهہ وڏن شهرن ۽ خاص طور ڪراچيءَ ۾ منظم ٿي نہ سگهي آهي. وڏن شهرن خاص طور ڪراچيءَ ۾ سنڌي ماڻهن جو منظم ٿيڻ ۽ سندن قومي جمهوري سياسي سرگرمين جو وڌڻ هڪ پراسس ذريعي سنڌي عوام جي قومي سياسي سگهہ کي هٿي ڏيندو ۽ اهو تاثر ختم ٿيندو تہ شهرن تي سنڌين جو اثر نہ آهي.

**(ب) پرامن قومي جمهوري سياست ذريعي مسلسل اڳتي وڌڻ گهرجي:**

سنڌين جهڙي چئني طرفن کان گهيريل مظلوم قوم جو زبردست ۽ ناقابل شڪست جٽادار سياسي هٿيار سندن پُرامن جمهوري جدوجهد جو مسلسل اڳتي وڌڻ آهي. اسٽيبلشمينٽ پ پ کي ختم ڪري ان جو متبادل پنهنجي پسند ۽ ترجيح موجب ٺاهڻ چاهي ٿي پر سنڌ دوست جمهوري ۽ قومي قوتن کي عوام جي ساٿ سان پُرامن جمهوري جدوجهد وسيلي اهو خال پرڻ گهرجي. جيترو اهو خال موجود رهندو اوترو اسٽيبلشمينٽ ۽ ايم ڪيو ايم ان جو هر ممڪن فائدو وٺنديون. سنڌي عوام جي قومي سگهہ ۾ مسلسل پُرامن جمهوري جدوجهد وسيلي واڌارو ئي اهو جوابي توازن ٿي سگهي ٿو. جيڪو اسٽيبلشمينٽ ۽ ايم ڪيو ايم جي طاقت جي توازن جو توڙ ۽ سدباب بڻجي سگهي.

**(ت) ملڪي ۽ عالمي سطح تي ايم ڪيو ايم کي سفارتي طرح اڪيلو ڪرڻ گهرجي:**

ايم ڪيو ايم جي سگهہ جو هڪ وڏو ۽ سگهارو بنياد سندن گمراهہ ڪن سفارتڪاري آهي, ايم ڪيو ايم جو شمار دنيا جي انهن چند منظم گروهن ۾ ڪري سگهجي ٿو جيڪي گمراهہ ڪندڙ سفارتڪاريءَ ۾ نهايت اڳتي وڌيل آهن. سندن سڄيءَ دنيا ۾ سفارتي لاڳاپن جو منظم ڄار وڇايل آهي. انهن جي ڀيٽ ۾ سنڌين جي سفارتڪاريءَ جو دائرو تمام محدود آهي. اهو دائرو عالمي طور تي تہ ڇا پر خود ملڪ اندر بہ محدود آهي. بظاهر ايم ڪيو ايم جي ان گمراهہ ڪندڙ سفارتڪاريءَ جو توڙ ڪرڻ ڪٿي ممڪن نظر نہ اچي پر مسلسل جدوجهد جي سائنس ۽ حڪمت عمليءَ ذريعي ان جو توڙ عالمي توڙي ملڪي سطح تي يقيني طور ڳولي سگهجي ٿو. سنڌي ماڻهن جي ان ڪامياب سفارتڪاريءَ جا هيٺيان سبب ٿي سگهن ٿا.

(1) سنڌي ماڻهن هيستائين سفارتڪاريءَ کي هڪ سياسي هٿيار طور گهربل سطح تي استعمال ئي نہ ڪيو آهي. جدوجهد جو اهو ميدان سندن لاءِ خالي آهي.

(2) سنڌي ماڻهن جي اثرائتي سفارتڪاريءَ جا بنياد جائز ۽ سچ تي مبني آهن.

(3) دشمن کي حقيقتن, دليلن ۽ ثابتين سان وائکو ڪري ۽ پنهنجين دعوائن کي ساڳيءَ طرح ثابت ڪري

سگهجي ٿو.

(4) سنڌي ماڻهن وٽ دنيا سان متعارف ٿيڻ لاءِ هڪ عظيم ۽ جڳ سڃاتل تاريخي ۽ تهذيبي حوالو موجود آهي.

(5) دنيا جي هر ڪنڊ ۾ سنڌي ماڻهو چڱي انگ ۾ رهن ٿا، انهن جي موجودگيءَ جو سياسي ۽ سفارتي فائدو وٺي سگهجي ٿو.

(6) ڪميونيڪيشن جي جديد انقلاب، سائبر ورلڊ، سنڌي اليڪٽرانڪ ميڊيا ۽ متبادل ذريعن سان پنهنجو ڪيس دنيا آڏو وڏيڪ اثرائتي انداز سان رکي سگهجي ٿو.

(7) سنڌين جا ڪوڙا، ڪاغذي ۽ ناٽڪي نه پر حقيقي عالمي سفارتي فورم ناهي سگهجن ٿا ۽ موجوده فورمز کي وڏيڪ اثرائتو بڻائي سگهجي ٿو.

(8) سڄيءَ دنيا ۾ رهندڙ سنڌين کي سياسي، ثقافتي ۽ سماجي طور ويجهو آڻڻ لاءِ حقيقي نيٽ ورڪ ناهڻ ۽ پيش قدمين لاءِ ماحول ناهي سگهجي ٿو.

(9) سياسي سوچ ۾ فرق باوجود سنڌين جي مستقل قومي مفادن بابت سڄيءَ قوم جو گڏيل قومي مؤقف ناهي ۽ پيش ڪري سگهجي ٿو.

(10) دنيا جي مڃيل انساني حقن ۽ عالمي اُصولن موجب سنڌ ۽ سنڌين جو ڪيس عالمي طور پيش ڪري سگهجي ٿو.

### (ث) ايم ڪيوايم جي پاليسين کي عوام ۽ دنيا آڏو مسلسل وائکو ڪرڻ گهرجي:

ايم ڪيو ايم هڪ اهڙي جماعت آهي، جنهن کي سياسي سادگيءَ سان نه ته سمجهي سگهجي ٿو ۽ نه منهن ڏئي سگهجي ٿو. ان لاءِ نهايت اڳتي وڌايل سياسي سوچ ۽ حڪمت عمليون ۽ جدوجهد جا طريقا گهرجن. دوکو ۽ ڦريئي واٽيي واريون ٺلهيون ناٽڪي دانهون ۽ ڪُوڙ جو ورجاءُ ايم ڪيو ايم جا اهم سياسي هٿيار آهن. انهن جو سدباب ٻين ڳالهين سان گڏ سندن پاليسيءَ کي عوام ۽ دنيا آڏو مسلسل وائکو ڪرڻ سان هڪ پراسس ذريعي عملي طور ڪري سگهجي ٿو. پرامن جمهوري طريقن سان سندن هر پاليسي، حڪمت عملي ۽ قدم کي بروقت ۽ مسلسل عوام ۽ دنيا آڏو وائکو ڪرڻ سان سندن سگهه کي ڪاپاري ڌڪ هڻي، سندن ڪاميابين جا امڪان گهٽائي سگهجن ٿا. حڪمت عملين جي سائنس موجب دشمن جي چالن، پاليسين، مفادن ۽ دوکن کي مسلسل Expose ڪرڻ مٿس ڪاپاري وار ڪرڻ جي مترادف آهي. شرط اهو آهي ته اهي سڀ رستا سچ تي ٻڌل ۽ پُرامن جمهوري هجن. سنڌي عوام طرفان جديد سياسي ٽيڪنالاجيءَ جي ان اثرائتي هٿيار کي گهربل سطح تي پوريءَ طرح نه آزمايو ويو آهي، ان کي جيترو وسيع دائري اندر استعمال ڪبو اوترو گهربل نتيجا ظاهر ٿيندا ۽ دشمن جي سگهه جا بنياد لُڏندا.

### (ج) هميشه ايم ڪيوايم ۽ اردو ڳالهائيندڙ عوام ۾ فرق ڪرڻ گهرجي:

ان حقيقت باوجود ته اردو ڳالهائيندڙ عوام جي گهڻائي ايم ڪيو ايم جي حمايت ڪري ٿي، سنڌي عوام ۽ سندن نمائنده ڌرين ۽ دانشورن کي ايم ڪيو ايم ۽ اردو ڳالهائيندڙ عوام ۾ فرق ڪرڻ گهرجي. هر سماج جي عوام اندر مخصوص حالتن سبب پنهنجون پنهنجون خاص ڪمزوريون ۽ مجبوريون هجن ٿيون پر دنيا جي

سموري عوام جا پاڻ ۾ تضاد عارضي ۽ حل ٿي سگهڻ جوڳا آهن. اهو ساڳيو عالمي اُصول اردو ڳالهائيندڙ عوام تي به لاڳو ٿي سگهي ٿو ۽ لاڳو ٿيڻ گهرجي. ايم ڪيو ايم هڪ مخصوص مفاد رکندڙ دهشتگرد ۽ فاشسٽ تنظيم آهي، جيڪا سنڌين سميت پنهنجي عوام جي به جائز مفادن جي عملي طور دشمن آهي. ان ڪري اسان کي هميشه ايم ڪيو ايم ۽ اردو ڳالهائيندڙ عوام ۾ فرق ڪرڻ گهرجي. ايم ڪيو ايم ته چاهيندي ته ان کي اردو ڳالهائيندڙ عوام جي اڪيلي سياسي نمائنده جماعت سمجهيو وڃي پر اهو ڪنهن طور به درست نه ٿيندو. اسان کي اردو ڳالهائيندڙ عوام جي سمورن جائز انساني، سماجي، ثقافتي، معاشي ۽ اخلاقي حقن جي حمايت ڪرڻ گهرجي ۽ ايم ڪيو ايم جي مفادن ۽ پاليسين کي ڏار ڪري ڏسڻ گهرجي. اهو رويو اُصولي طور به درست آهي ۽ حڪمت عمليءَ طور به. هينئين طريقن سان اهو فرق واضح ڪري سگهجي ٿو ۽ گهربل مقصد حاصل ڪري سگهجن ٿا.

(1) اردو ڳالهائيندڙ عوام سان پنهنجائپ ۽ برادرانه رويي جي هر سطح تي اظهار ڪرڻ سان.
(2) روشن خيال، جمهوريت پسند ۽ عوام دوست اردو ڳالهائيندڙن کي پنهنجي ويجهو آڻڻ سان.
(3) گڏيل ۽ وسيع تر مفادن ۽ اشوز تي اردو ڳالهائيندڙ عوام سان گڏجي سياسي سرگرميون ڪرڻ سان.
(4) روشن خيال ۽ باضمير اردو اديبن ۽ دانشورن سان لاڳاپا وڌائڻ ۽ ساڻن گڏيل جمهوري فورم ٺاهڻ سان.
(5) گڏيل ثقافتي ۽ سماجي سرگرميون تيز ڪرڻ سان.
(6) نسلي بجاءِ قومي جمهوري ۽ نظرياتي سياست کي هٿي وٺرائڻ سان.
(7) اردو ڳالهائيندڙ عوام کي اهو احساس ڏيارڻ ته سندن جائز مستقل مفاد سنڌ ۽ سنڌين سان واڳيل آهن ۽ ايم ڪيو ايم جي واٽ سيڌي لاءِ تباهيءَ جي واٽ آهي.
(8) اردو ڳالهائيندڙ عوام کي مسلسل اهو احساس ڏيارڻ سان ته ايم ڪيو ايم جي سياست بنيادي طور سندن جائز مفادن لاءِ به مستقل خطرو آهي ۽ ايم ڪيو ايم جي دهشتگرد سياست جا نتيجا پس و پيش کين ڀوڳڻا پون ٿا.

## ليکڪ جا ڇپيل ڪتاب

1 – ايم ڪيو ايم جي سياست ۽ سنڌ – 2005ع. 60/=
2 – تبديليءَ جا محرڪ ۽ سنڌ جو آئيندو – 2007 ع 500/=
3 – رياست جو بحران ۽ سنڌ جو قومي سوال – 2007ع 50/=
4 – جمهوريت، صحافي اخلاقيات ۽ ميڊيا – 2007ع 50/=
5 – ڪي ماڻهو تاريخ تين تا – 2007ع 80/=
6 – رسول بخش پليجي جون مڪمل تحريرون (سهيڙ)
سياسي ادب (پاڱو پهريون جلد 1) ـ 2005ع 600/ =
7 – رسول بخش پليجي جون مڪمل تحريرون (سهيڙ)
سياسي ادب (پاڱو پهريون جلد 2) ـ 2006ع 600/ =
8 – رسول بخش پليجي جون مڪمل تحريرون (سهيڙ)
سياسي ادب (پاڱو پهريون جلد 3) ـ 2007ع 600/=
9 – ادب، سياست ۽ سنڌي سماج (چونڊ فڪري ليڪچر) ـ 2008ع 200/=
10 – سنڌي ادب ۾ تنقيد – اينٿالاجي جلد پهريون، (شيخ اياز) ـ 1998ع. 300/=
11 – سنڌي ادب ۾ تنقيد – اينٿالاجي، جلد ٻيو (ڪلاسيڪي ۽ جديد سنڌي شاعري) ـ 2008، 350/=
12 – سنڌي ادب ۾ تنقيد – اينٿالاجي، جلد ٽيون، (افسانوي ۽ فڪري ادب) – 2008 350/=
13 – لبرل ازم جو اپياس (ترجمو) – 2003ع
14 – Hand book on Role of Media in Democracy & Good Governance – 2005.
15 ـ پاڪستان ۾ جمهوري وفاقيت جو بحران ۽ قومي خودمختياري (سنڌ ڪيس) 30/=
16 – سنڌ ڪيس (ترتيب) – 2009ع 100/=
17- پاکستان میں جمہوری وفاقیت کا بحران اور قومی خود مختاری (سندھ کیس) –2010ء 50/=
18 – سنڌ ۾ شهري ۽ قبيلائي دهشتگرديءَ کي ڪيئن منهن ڏجي؟ 30/=
19- پاکستان میں قومی تضاد اور سندھ کا مقدمہ (سندھ کیس) (ترتیب) - 2010 ء 150/-

## ليکڪ جا اينڊڙ ڪتاب

16 – Crisis of Federalism and Prospects for Provincial Autonomy in Pakistan (Research Work)

17 – پاکستان کا ریاستی بحران اور قومی تضاد
18 – خيال، ڪتاب ۽ ماڻهو (ادبي ۽ تخليقي لکڻيون)